# ڪُمارس

(ناول)



ليکڪ: امر گوپالاڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پيت



”ڪمارس“ ناول وڏي عزت مان سان
پيت تو ڪريان شري چُنيلال واڌواڻي
صاحب ڪي، جنهن جي پريرڻا سان مون
هيءُ ناول لکيو آهي.

- امر گوپالاڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪُمارس

(ناول)

(ڀاڱو پهريون)

امر گوپالاڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪُمارس

(ناول)

(پاڱو پهريون)

ليکڪ : امر گوپالاڻي
سرنامو : اي-98، ساڪيت، اِندور-452018.
موبائيل : 0898983188.
دفعو : پهريون- سال : 2014
ڇپائيندڙ : امر گوپالاڻي
ڪاپيون : 500
قيمت : 100 رپيا
ٽائيپ سيٽنگ : سنڌي احوال
۽ ڇپائي ڏيندڙ : اي-وارڊ، مين روڊ، ڪبيرنگر، احمدآباد.

(مڌيہ پرديش سنڌي ساهتيہ اڪادمي ڀوپال جي مالي مدد سان شايع ٿيل)

# KUMARS

(Novel) (1st Part)

Writer : **Amar Gopalani**
Add : A-98, Saket, Indore-452018
Mo. : 08989831884
Edition : **1st**
Year : **2014**
Published : **Amar Gopalani**
Copies : 500
Price : 100/ Rs.
Type Setting : **Sindhi Ahiwal**
& Printed by : A-Ward Main Road, Kubernagar, Ahmedabad.
Mo. : 09429064299 Ph. : 079-22836774

(Financial Aid from M.P. Sindhi Sahitya Academy, Bhopal)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

امرلعل گوپالاڻيءَ جي لکڻ جو انداز سنڌس سالن جي تجربي ۽ مشاهدي، معاشي نابرابري جي خلاف سندس خيالات ۽ اِنساني همدردي سان سرشار هرديه جو هجڻ به آهي- هن پاڻ به ورهاڱي کان پوءِ جوانيءَ ۾ ڪيئي ڪشالا ڪڍيا ۽ ٻين جا ڏکه درد به ڏٺا ۽ محسوس ڪيا آهن.

امرلعل گوپالاڻي پنهنجي هن ناول ۾ لفظن ذريعي ڪردارن جو اَهڙو ته نقش چٽيو آهي جو هر پاتر جيئرو جاڳندو، چُرندڙ پُرندڙ اِنسان اسان جي سامهون اَچي بيهي ٿو. هن صاحب جي ٻولي نيٺ ساهتيڪ نه هوندي به سادي ۽ سچائيءَ سان ڀريل آهي. ڇو ته هوُ عام پاٺڪم لاءِ لکندو آهي ۽ اُنهن کي پنهنجي منشا، مُراد، مقصد ۽ مطلب به سادي نموني ۾ عام رواجي طور ڳالهائيندڙ سادي ۽ سرل ٻوليءَ ۾ بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن جي ناول ۾ توهان کي ڪوبه ڏکيو لفظ ۽ نه ئي وري ڪو دقيق ۽ ڏکيو فيلسوفاڻو نقطو ۽ خيال ملندو. هن لاءِ ادب ساهتيه ڪلا هڪ آئيني مثل آهي جيڪي سماج ۾ ٿيندو رهندو آهي، اُن جو ئي ساڳيو عڪس سندس آئينو به ڏيکاريندو آهي. اِن ڪري سندس ناول ۾ هٿرادو ۽ بيڪار جي ديکه کان پري سچيون ۽ حقيقي لڳندڙ گهٽنائون لڳنديون آهن.

هونئن ته گوپالاڻي صاحب ڪهاڻيون لکندا آهن. ويجهو هن جي ڪهاڻي ”نياڻيون ناهن نماڻيون“ جو منچن تمام سٺي نموني ڀوپال جي رنگه سموهه جي ڪلاڪار شري اشوڪ ٻلاڻي جي هدايتڪاريءَ ۾ اِسٽيج تي ڪيو ويو. اِنڊور جي سامعين تمام گهڻي ساراه ڪئي. ڪهاڻين کان علاوه امرلعل گوپالاڻي صاحب مذاقيه ڪالم به لکندو رهيو آهي ۽ ويجهو ئي ”کلوُمل ٻلوُمل“ جي نالي سان ڪتاب ڇپايو اَٿائين. مذاق



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان گڏوگڏ سماجڪ بُراين خلاف بہ هڪ پيغام هوندو آهي پر اِهو ضروري نہ آهي تہ هوُ صرف هڪ صنف تي ئي قلم آزمائي. ڪنهن بہ ليکڪ جي اِظهار جو فارم تبديل ٿي سگهي ٿو. اڄ جيڪو ليکڪ ڪهاڻيون لکي ٿو تنهن لاءِ اِهو آسان ۽ ممڪن آهي تہ اڳتي هلي هوُ ناول بہ لکي يا شاعري بہ ڪري.

ساهتيہ جي اِن اؤلي سؤلي سفر ۾ حالانڪ هن جو ڪو آئيڊل ڪونهي پر مونکي ويچهو رهڻ ڪري خبر آهي تہ هن جي ساهتيہ سرجڻ جي پويان مُراد ڇا آهي- گوپالاڻي صاحب يونائيٽيڊ سنڌي فورم اِندور برانچ جو صدر آهي ۽ دادي پشپا آڏواڻي ۽ گيان هيمناڻي، جنهن جا مرڪزي اڊيڪش ۽ جنرل سيڪريٽري آهن، اُنهن جي خيالن کان متاثر آهي- جن جو چوڻ آهي تہ سنڌين کي پنهنجو ڪو اَهڙو زمين جو ٽُڪرو هجي جنهن کي هوُ سنڌ چئي سگهن. اِن لاءِ هوُ سنڌي سينين ۽ وديش ۾ رهندڙ سنڌي سيٺين کي پڻ اٽسڊي طرح ٻُڌائي ٿو تہ جارج ابراهيم گريئرسٽ C.A. Grearstu جي ڪتاب ”لئنگسٽڪ سروي آف اِنڊيا Lniguistic Survey of India“ ۾ جيڪي علائقا سنڌي ٻولي ڳالهائيندڙن جا ڏيکاريا ويا آهن يعني ڪڇ، آديپور، گانڌيڌام، جيسلمير، ٻاڙميڙ، جالور وغيره ۾ اِهي سيٺيون پنهنجا ڪارخانا لڳائن ۽ اِسڪول ڪاليج کولين ٻجاءِ ٻين شهرن جي، جيئَن اڳتي هلي اُتي سنڌي ڪنا ٿين ۽ ٻين شهرن کان بہ اچي اُتي نوڪريون ڪن ۽ رٽاير ٿيڻ کانپوءِ اُتي اچي رهن. نارائڻ سروور ۾ شانڊار جهوليلال مندر ناهڻ جي اِسڪيم بہ چالو ٿيڻ واري آهي ۽ گجرات سرڪار سستي اگهہ تي زمين ڏيڻ قبوليو آهي. مطلب تہ اڳتي هلي اِها ايراضي ”نئين سنڌ“ ٿيڻ واري آهي. اسان سنڌي هوندئن بہ تہ ٻرپٽ ۾ باغ لڳائڻ وارا آهيون، هٽي هنڌ ڪنداسين. مٿيون ويچار رکي گوپالاڻي صاحب هن ناول ۾ ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ ڪيئن ”ڪمارس“ ”Kumars“ خاندان جي اڳوانن پنهنجو الڳہ شهر ٻڌڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. اسان وٽ هِت هندستان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ۽ وديشي ملڪن ۾ الائي ڪيترائي ڪُمارس ۽ ڪُماريون رهن ٿا. اهي اگر ڪوشش ڪن تہ نئين سنڌ نهي پوندي.

گوپالاڻي صاحب ڪي اسان جي سنڌي سماج ۾ جيڪي ورگہ سنگهرش، ناانصافيون، ذات پات، اميري غريبي جون ڪاهيون آهن ۽ ڏارمڪ ڪٽرپڻو تہ نہ پر پنت پڻو آهي، منافقتون آهي ۽ هڪ ٻئي جي ٽنگہ ڇڪڻ جي عادت آهي، اِنهيءَ جي برخلاف ناول ۾ اِنهن ٻالهين جي اُبتڙ ڪرڻ جو پيغام آهي ۽ چاهيون تہ سمجهي ٻڌي ۽ همٿ سان اُهي بُرايون بہ ختم ٿي سگهن ٿيون. سڀ سنڌي گڏجي مسجي خوش خورم رهي سگهن ٿا.

بهرحال ليکڪ پنهنجي ڏرتيءَ ۽ ٻوليءَ سان ۽ اِن جي اَڱمنڻ واري قدرن ۽ سنسڪرتيءَ سان پورو نباهيو آهي. ناول اوهان جي هٿن ۾ آهي- مان وڏيڪ ناول جي پاترن تي روشني نہ وجهندي اوهان پڙهندڙن تي ڇڏيان ٿو تہ هوُ ليکڪ کي ڪيتري شاباسي ڏين ٿا. مونکي اُميد ئي نہ پر پورڻ وشواس آهي تہ پاٺڪن کي هي ناول قبول پوندو ۽ بس.''

**ڇُنيلال واڌواڻي**

**موبائيل : 09893400198**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ليکڪ طرفان

دوستو،

هر ليکڪ جي ڪتاب تي لکيل هوندو آهي، ’حق واسطا ليکڪ جا قائم‘ ليڪن حقيقت اِها آهي تہ ليکڪ جيڪي لکي ٿو اُن جو ميٽر سماج وٽان ئي ٿو کڻي ۽ لکي سماج کي ئي موٽائي ٿو ڏئي. ساهتيہ جي اصلي مالڪ سماج ئي آهي. گهٽ ۾ گهٽ آءٌ تہ اِئين ٿو مڃان.

”ڪمارس“ ناول پڻ سماج جي مليڪت آهي. مون فقط بہ پارٽ ئي لکيا آهن. اُن سبجيڪٽ کي گهڻو اڳتي کڻي وڃڻ جي گُنجائش آهي. آءٌ شايد وڌيڪ لکي سگهان. اِئين نہ آهي تہ لکڻ لاءِ مون وٽ ميٽر يا سوچ نہ آهي، حقيقت اِها آهي تہ هاڻي آءٌ ٿڪو آهيان.

اگر ڪوبہ ليکڪ دوست ڪمارس ناول کي اڳتي کڻي وڃي تہ مونکي خوشي ٿيندي. شرط اِهو آهي تہ جيڪي بہ لکندو اُن کي سماج جي ملڪيت سمجهندو. پلي ڪتاب وڪڻي لاڳت ڪيڏڻ چاهي، چار پئسا ٻَنڌ ۾ اچنس تہ بہ هرج نہ آهي. ڪوئي اِنعام اڪرام مليس تہ بہ خوشيءَ خوشيءَ وٺي ليڪن اُن کي پنهنجي ملڪيت نہ سمجهي، سماج جي امانت سمجهي.

**امر گوپالاڻي**
اي-98، ساڪيت، اِندور-452018.
سيل نمبر : 08989831884

هئا تہ غريب طبقي جا ننڍا گهر پڻ هئا. ڳوٺ جي آخري ڇيڙي تي، مسلمان هارين جا جهوپڙا هئا. بستيءَ ۾ ٿي هڪ مسجد هُئين.

هندن جو گُردوارو، شِوُ مندر ۽ مڙهي هئا. هڪ پرائمري اِسڪول هو. اِسڪول جي سامهون وڏو ميدان هو، جتي رانديون بہ ٿينديون هيون تہ ڀڳت ۽ ناچ گاني جون محفلون بہ ٿينديون هيون. اِسڪول جي بائونڊري وال جي ٻاهران هڪ بگي ۽ بس بہ اچي بيهندي هئي. سڄي ڏينهن ۾ ٻنهين جو هڪ ئي ڦيرو ٿيندو هو.

شهر ۾ رائيس مِل، هڪ پڪو مارڪيٽ، جتي هر طرح جا دڪان هئا. بجاج، سونارو، پساري ۽ ٻيا پڻ واپاري، فروٽ، ڊراءِ فروٽ، ڀاڄيءَ وارا، حلوائي پڻ هئا، مڇي، تيوڻ جا بہ الڳ دڪان هئا.

ڊکڻ، موچي، لوهار، مسلم بستيءَ ۾ هئا. ڪُل ملائي تيجپور هڪ خوشحال ڳوٺ هو. زمينون ڳوٺ سان لڳہ ڀراڙيءَ ۾ هيون.

ڪمارن جي، آسپاس جي ستن ڳوٺن ۾ زمينداري هئي. هوُ تيجپور واري زمين هارين کان ٻٽيءَ تي ڪرائيندا هئا. باقي ڇهن ڳوٺن جي زمين ننڍن زميندارن کي ٺيڪي تي ڏيندا هئا. هر سال اُنهن کان مقرر رقم وٺندا هئا.

ڪمارس جي سکر ۾ هڪ ڪوٺي هئي. جتان هوُ سارين ۽ چانورن جو واپار ڪندا هئا. واپار سندن ڀائيوار سنڀاليندا هئا. ڪراچيءَ ۽ بامبي ۾ سندن ڀلوٽا هئا. جن جي معرفت چانورن جو واپار ڪندا هئا.

راءِ تيجڪمار روبيلو اِنسان هو. گنيلو بدن، بلوري اکيون، ڳاڙهيون جيڏيون وڏيون ڇُهنبدار مُڇون، پهراوي ۾ ڌوتي چوغو ۽ پڳڙي. پيرن ۾ بوٽ. جڏهن بگي ڪري گهٽيءَ مان نڪرندا هئا تہ زائفون پڇي وڃي ڪمري ۾ لڪنديون هيون، هيسيل ٻار ماءُ جي گود ۾ پناهہ وٺندا هئا يا پنيان لڪي بيهندا هئا.

هڪ دفعو پاڙي ۾ ڪنهن زائفان جي ڊليوري ٽيڻ واري هئي. دائيءَ حيلا هلايا ليڪن ٻار ٻاهر نٽي آيو. مائي سورن ۾ پيئي ڦتڪي. تيجڪمار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي پتو پيو تہ ڪمري ۾ وچي بندوق لوڊ ڪري ڪٽي آيو. ٻاهر پڌر ۾ اچي تيجڪمار هوائي فاير ڪيو. مائيءَ دهشت ۾ اچي ڇرڪُ ڀريو. ٻار ٻاهر اچي ويو. مائي بيهوش ٿي ويئي ڪجهہ دير ڪانپوءِ هوش ۾ آئي.

ٻي مهاڀاري لڙائيءَ وقت انگريز سرڪار سيٺ شاهوڪارن، وڏيرن، زميندارن کان وڏيون رقمون ورتي ڪين راءِ صاحب ۽ رائبهادر جا لقب ڏيڻ لڳي. اهڙي آڇ تيجڪمار کي بہ ٿي. تيجڪمار آڇ ٺُڪرائيندي چيو- اسانکي فرنگين جي لقب جي ضرورت ناهي، اسين خانداني راءِ آهيون. راجا راءِ ڏياچ جي ونش مان. سرڪار کي رقم کپي تہ بدلي ۾ تيجپور کي سڙڪ ۽ بجلي ڏيو. ڊپٽي ڪليڪٽر سندس آفر قبول ڪئي. اهڙيءَ طرح تيجپور کي سڙڪ ۽ بجليءَ جي سوغات ملي.

تيجڪمار جڏهن ٻنيءَ ۾ ويهي ڳوٺ ۾ نڪرندو هو تہ تيجپور واسي هٿ جوڙي بيهي رهندا هئا. هاڻي هو عمر دراز ٿي چڪو هو. هاڻي سڄو ڪاروبار سندس پُٽ اجيڪمار ڏسڻ لڳو هو ليڪن اجيڪمار هر ڪم پيءُ جي صلاح ۽ اِجازت سان ڪندو هو.

اجيڪمار دورانديش شخص هو. هو ايندڙ خطري کي محسوس ڪري رهيو هو ۽ بچاءُ جو اُپاءُ سوچي رهيو هو. اجيڪمار پنهنجي جوان پُٽ وجيہ ڪمار کي سڏائي چيو- ”پُٽ وجيہ خطري جي گهنٽي وڄي رهي آهي، اچانڪ خطرو اچي نازل ٿئي، اِن کان اڳہ بچاءُ جا اُپاءُ ڪرڻ عقلمندي آهي.“

وجيہ حيرت مان پڇيو- ”توهان ڪهڙي خطري جي ڳالهہ ڪري رهيا آهيو؟ مون سمجهيو ڪونہ!“

اجيہ چيو- ”پُٽ جناح پاڪستان حاصل ڪرڻ لاءِ جهڳڙا ڪرائي رهيو آهي جيئن دٻاءُ ٻڌائي سگهي. فساد هتي بہ ٿي سگهن ٿا. پاڪستان نهيو نہ مذهب جي آڌار تي نهندو. وڏي پئماني تي لڏپلاڻ ٿيندي. جهڳڙا فساد پڻ ٿيندا.“

وجيہ چيو- ”ڊئڊي، هتي امن چئن آهي، مهاتما گانڌيءَ چيو آهي تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڪستان سندس لاش تي نهندو. پاڪستان نهڻ جو سوال ئي نٿو اُٿي!“

”پُٽ سياست ڏاڍي گندي شيءِ آهي. ڪُرسيءَ جو چاهه گانڌيءَ جي ٻلي به وني سگهي ٿو. ڪانگريس جا نيتائون ئي روز روز جي خون خرابي کان بيزار ٿي پاڪستان جي گُهر قبول ڪري سگهن ٿا. انگريز ته چاهن ٿا، ڀارت کي ٽُڪر ٽُڪر ڪرڻ. پاڪستان نهيو تهسندن هٿ جو رانديڪو ٿي رهندو. لڏپلاڻ ٿي ته سڀ کان وڌيڪ سنڌي هندو بيسلامت ٿي ويندا.“

”توهان ڇا سوچيو آهي؟“

”تيجپور ڇڏي ٻامبي شفٽ ٿجي.“

وجيه چرڪ ڀري چيو، ”ڏاڏي سائينءَ جي وسايل تيجپور کي ڇڏي هلڻ جي ڳالهه ٿا ڪريو؟“

اجيه چيو ”پُٽ، اِها اسان جي لاءِ ڪا نئين ڳالهه نه ٿيندي. اڳ ۾ به اسان جا وڏا مصيبت اچڻ تي، ڪڇ، ڪاٺياواڙ، راجستان ۽ سنڌ جي الڳ الڳ حصن ۾ وڃي وسندا رهيا آهن. اسين خود راجا راءِ ڏياچ جي ونش مان آهيون. جنهن جهوناڳڙه وسايو هو. اسان جي راءِ ونش جون ست پيڙهيون ۽ ڪمار ڪُل جون به پيڙهيون ڪٿان ڪٿان اُجڙيون ۽ ڪٿي ڪٿي وسيون خبر نه آهي.“

”ڊئڊي! اسان جي ڪُل جي پوري ڄاڻ مونکي به نه ڏيو.“ اجيڪمار ٻڌائڻ لڳس، ”اسان جا پتر پرش هئا دليتراءِ، ٻيا نولراءِ، ٽيان جڳتراءِ، چوٿان پهلاجراءِ، پنجان گلابراءِ، ڇهان حشمراءِ ۽ ستان املراءِ. ڪمار آکهه ۾ پهريان راجڪمار، ٻيا جئه ڪمار، ٽيان بابا سائين، چوٿون مان ۽ پنجون تون. اڳتي به ڪمار آکهه کي قائم رکندا اچجو.“

”ڊئڊي! ڇا اسان جي ڪُل ۾ هڪ ئي پُٽ ڄمندو رهيو؟ اگر هڪ کان وڌيڪ ٿيا ته ٻين جو پتو ڇو نه آهي؟“

”پُٽ راجائي ويئي ته وزير، درٻاري به ويا ته ونشاولي لکڻ وارا به. ڪير ليکو جوکو رکي؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اسان جي وڏن جي ڄاڻ ڪيئن پئي؟“

”سندن فوٽو ۽ تصويرن مان، جن کي سانڍي رکندا آيا آهيون.“

”اسان جو گهراڻو راڄ ۽ ڪمار ڪيئن بڻيو؟“

”راڄ گهراڻي جي املراڄ جي شادي، جيسلمير جي سامنت سمير سنگهه جي ڪنيا شُمن ڪماريءَ سان ٿي. املراڄ کي پُٽ ڄائو ته سڀ کيس راڄڪمار سڏڻ لڳا. راڄڪمار جو پُٽ ٿيو جئڪمار، جئڪمار جو بابا سائين ائين راڄ گهراڻو ڪمار گهراڻي ۾ تبديل ٿي ويو.“

”ڏيڏي اسين خاص مُدي تان هٽي وياسين. توهان چاهيو ٿا ته بامبي شفٽ ٿيون، ڏاڏو سائين مڃيندو؟“

”نه مڃيندو ته مڃائڻو پوندو. پوري تياري ٿي وڃي ته پوءِ تيرٿ ياترا جو چئي تيار ڪرڻو پوندو.“

”مون لاءِ ڪهڙي آگيا آهي؟“

”تون بامبي وڃڻ جي تياري ڪر. سکر واريءَ ڪوٺيءَ تان وڏي رقم وٺي ڊرافٽ ٺهراءِ. ڪجهه ڪئش به کڻج. بامبي واري پلاٽي نالي چئني ونج. هوُ تنهنجي رهڻ ڪائڻ جو انتظام ڪندو. سڀ کان پهريائين امپيريل بئنڪ ۾ پنهنجي نالي سان کاتو کولائجانءِ. لاڪر پڻ ونجانءِ. هتان جيڪو سون کڻين، سو وڃي لاڪر ۾ رکي اچجانءِ. بامبي واري پارٽيءَ جي صلاح سان بامبي جي ڪنهن سني علائقي ۾ هڪ وڏو بنگلو خريد ڪجانءِ. اُن ۾ باغيچو ۽ سرونٽ ڪوارٽر پڻ هجن. هڪ مالهي ۽ هڪ گارڊ مقرر ڪري اچجانءِ. بنگلي جي صاف صفائي، رنگ روغن ۽ ضروري فرنيچر جو ٺيڪو ڏئي اچجانءِ. پلاٽي ڏي جيڪا رقم نڪري سا پڻ وصول ڪري ڪم آڻجانءِ. جيڪي بچي سو کاتي ۾ جمع ڪرائجانءِ. ڪراچيءَ مان وڃجانءِ به هوائي جهاز ۾ ۽ واپس اچجانءِ به هوائي جهاز ۾.“

ٻن ڏينهن کانپوءِ وجيه بامبي روانو ٿي ويو. اجيڪمار اڳتي جي يوجنا بابت سوچڻ لڳو. هاڻي کيس تيجپور جي هندن جي چنتا ستائڻ لڳي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هندو خطري کان غافل آهن، اُنهن کي اچانڪ سڀ ڪجهہ ڇڏي هٿين خالي جان بچائي ڀڄڻو پوندو. اُنهن کي سڀ کان اول اجهي جي ضرورت پوندي، جيڪي ڪراچيءَ کان پارٽ ويندا اُنهن جو پهريون نڪاڻو بامبي ٿي ٿيندو. اُنهن لاءِ اجهي جو اِنتظام ڪَرڻو پوندو. زميدنداري تہ هِتي ئي رهجي ويندي. بامبي ۾ گذر بسر لاءِ ڪوئي ڪم تہ ڪرڻو پوندو. سوچيائين تہ پراپرٽيءَ جو ڪم ئي بهتر ٿيندو. ڀائرن جي مدد بہ ٿيندي ۽ روزگار بہ ٿيندو.

وجيہ کي ويهاري سڄي رٿا سمجهايائين، بامبي جي الڳ الڳ علائقن ۾ پلاٽ وٺي تيهج سوسائٽيءَ جي ٺيڪيدار جي پارٽنرشپ ۾ ڪنسٽرڪشن جو ڪم شروع ڪري. غريب طبقي جي لاءِ سي گريڊ جا سستا ڪواٽر، وچولي طبقي لاءِ فليٽ ۽ اميرن لاءِ بنگلا ٺهرائي. جيڪي سنا دڪان ۽ شو روم ملن سي بہ خريد ڪندو وڃي. ڳوٺن جي زمين جي نيڪي جي رقم بہ بامبي جي اڪائونٽ ۾ ٽرانسفر ڪرايائين. جيڪو فصل وڪامندو ٿي ويو سي پئسا پڻ بامبي جي بئنڪ اڪائونٽ ۾ جمع ٿيندا ويا. ڪراچيءَ جي پلاٽن وٽان جيڪي رقمون ملن پيون سي بہ ڪنسٽرڪشن ۾ لڳنديون ٿي ويون ۽ دڪان، شو روم جي خريديءَ ۾ لڳنديون ويون.

ٻن مهنن کانپوءِ ڪمار پريوار بامبي رَوانو ٿي ويو. تيجپور ۾ رهيا فقط اجيڪمار ۽ سندس ڌرمپتني ريتا.

تيجڪمار ڪجهہ ڏينهن ۾ ئي سمجهي ويو تہ کيس تيرٿ ياترا جي بهاني بامبي آندو ويو آهي. هوُ بيزار ٿي پيو. سخت ناراضپو ڏيکاري تيجپور واپس وڃي وڃڻ لاءِ ضد ڪرڻ لڳو. ويتر بامبي جي گهميل آبهوا راس نہ آيس. بيمار ٿي پيو. لاچار ڪمار پريوار کي تيجپور واپس اچڻو پيو. پنهنجي ماڳہ موٽي تيجڪمار سرهو ٿيو. اڪيلو وڃڻ بامبي موٽي ويو.

تيجڪمار گهڻو وقت نہ هليو. پنهنجي اڏيل اجهي ۾ سڪون پريو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آخري ساهه کنيائين. پوري شان مان ساڻ ٻئنب باجن سان سندس انتم سنسڪار ڪيو ويو. ٽي ڏينهن پورو ٽيجپور بند رهيو. مٽ مائٽ سڀ گڏ ٿيا. وجيه ٻه فلائيٽ ۾ موٽي آيو. ڪراچيءَ کان ڪار ۾ وقت سر ٽيجپور پهچي ويو.

ٽيجڪمار جي رک ڳوٺ جي تلاءُ ۾ وڌي ويئي. هانيون سکر ساڌ ٻيلي ۾ سنڌو نديءَ ۾ پروان ڪيون ويون. ڏهين-ٻارهين جي ڪريا ۽ پنڊ دان ٻه سکر ۾ ڪيو ويو. ٻارهي ڪانپوءِ مارڪي جي مجلس ڪئي ويئي. ٽيجپور سميت باقي ڇهن ڳوٺن جي باشندن کي پڻ نينڊ ڏني ويئي. رسويا سکر مان گهرايا ويا. مجلس ۾ تيوڻ، مڇي، ديسي ولائتي دارون آيلن کي ڏؤ تي پيئاريو ڪارايو ويو. غريبن ۾ اناج ڪپڙو ۽ روڪ پئسا ورهايا ويا. نياڻين کي پڻ سون ۽ روڪڙ ڏني ويئي. مهمان ٻه موڪلائي ويا. ٽن مهنن ڪانپوءِ اجيڪمار کان سواءِ سڄو ڪُٽنب بامبي روانو ٿي ويو. شهر جي ڪنهن رئيس مسلمان رائيس مل ٻه خريد ڪري ورتي. اُن رئيس اجيڪمار سان حويليءَ ۽ اوطاق جو ٻه سؤدو ڪيو. خريدار پوري رقم چڪائي ڏني. حويلي ۽ اوطاق خريدار جي نالي قيرائي ويئي. حويليءَ جو قبضو ڪجهه مدت ڪانپوءِ ڏيڻ جو قرار ٿيو. ڪجهه دڪان ۽ مڪان ٻه وڪامي ويا. ڪجهه هندن جا گهر لڌي ويا. ڪجهه لڌڻ جي تياريءَ ۾ هئا. اجيه اُنهن سان ملي هڪ تاريخ مقرر ڪئي. سيني گڏجي ٽيجپور ڇڏڻ جو فيصلو ڪيو. مندر مان مورتي ۽ ڌارمڪ پستڪ، گردواري مان گرنٿ صاحب، گُرن جون مورتيون ۽ ٻيا گرنٿ اڳ ئي بامبي روانا ڪيا ويا هئا.

اجيڪمار پنهنجون ٻنيون پنهنجن ڪُڙمين جي نالي ڪري ڇڏيون. ٻچيل هندن جا گهر ٻه سندن نالي ڪري ڇڏيائين. مارڪيٽ جا ٻچيل دڪان ٻه رئيس خريد ڪري ورتا. باقي ٻچيل هندن جي ملڪيت باغ ۽ تلاءُ سميت مسلمانن جي جماعت نالي ڪري ڇڏيائين. ڌارين جي لاءِ ڪائي گُنجائش ٻه نه ڇڏيائين. مقرر تاريخ تي ٻچيل هندو پريوارن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سميت اجيڪمار ڪراچيءَ مان گهرايل لارين ۾ سوار ٿي ڪراچيءَ جو رُخ ڪيو. مسلمان ڪڙمين ڪاسبين مرد ٽوڙي زائفن سيڻي اجيڪمار سان روئي موڪليو. اجيڪمار جو به من پرجي آيو. اڪيون اُگهي پاري من سان روانو ٿيو.

ٽيجپور جي هندن کي ٽيڄ سوسائٽيءَ ۾ وسايو ويو. جيڪي پنهنجا گهر دڪان وڪڻي آيا هئا، انهن کي واجبي قيمت تي دڪان مڪان ڏنا ويا. پنهنجي ئي چڱي آبادي هين، ڪم جمائڻ ۾ دير نه لڳن.

وجيه ڪم سان گڏ انجنيئرنگ جي پڙهائي به جاري رکي. ٽيڄ سوسائٽي وسي چُڪي هئي. غريب طبقي لاءِ ديا سوسائٽي پڻ لڳه ڀڳه تيار هئي. ٺيڪيداريءَ ۾ جيڪو وجيه جو ڀائيوار هو تنهن کي گُنجائش گهٽ نظر آئي اُن ڀائيواري ڇڏائي ڇڏي. وجيه کي چڱو آزمودو ٿي ويو هو. ڪمپنيءَ جي رجسٽريشن ڪمار ڪنسٽرڪشن ڪمپنيءَ جي نالي سان ٿيل هئي. رجسٽريشن مان ڀائيوار جو نالو هٽارائي وجيه اڪيلو مالڪ ٿي ويو.

اجيڪمار کي جيڪو انديشو هو، سو سچ ثابت ٿيو. ١۴ آگسٽ ١٩۴٧ تي پاڪستان وجود ۾ آيو. ورهاڱي ڪانپوءِ ٻنهين طرف افرا تفريءَ لڏپلاڻ شروع ٿي ويئي. سنڌ ۾ جيڪي پناهگير آيا تن هندن جي گهرن ۾ ڦُر لُٽ ڪري پراپرٽيءَ تي قبضو ڪرڻ شروع ڪيو. ٦ جنوريءَ ١٩۴٨ تي ڪراچيءَ ۾ هندن سان زيادتيون ڪيون ويون. سنڌ جي هندن ۾ دهشت ڦهلجي ويئي. سڀ لکن جي تعداد ۾ هندو پنهنجو سڀ ڪجهه ڇڏي خالي هٿين پارت روانا ٿيا. ڪي حيدرآباد مان ٽرين رستي ته ڪي ڪراچيءَ مان سمنڊ رستي بامبي روانا ٿيا. جن جي جيب ۾ مال هو سي هوائي رستي پارت ويا.

ڪيترائي خالي هٿين اٽڪڻي ڏيهه ۾ اچي دربدر ٿيا. اجيڪمار جيڪو سوچيو هو سو سامهون آيو. آيل سنڌي پائرن کي پنهنجي سوسائٽيءَ ۾ اجهو ڏيڻ شروع ڪيائين. سندن کاڌي-پيتي جو پڻ انتظام ڪيائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيستائين سپ سوسائٽيون پرچي نه ويون تيستائين مدد ڪندو رهيو. روزگار لاءِ نقد سهائتا پڻ ڏنائين. ايتري قدر جو صدين کان سانيڊيل خانداني سون جون مُهرون ۽ چانديءَ جا سِڪا وڪڻي به مدد جو هٿ ڊگهيڙيندو رهيو. پر آخر اِن جي به ڪائي حد هئي.

سرڪار کي ايتري وڏي پئماني تي نه لڏپلاڻ جو امڪان هو، نه ڏُنڙي آيلن کي وسائڻ جي يوجنا هئي، نه تياري. فوري طور تي سنڌين کي ڪلياڻ ڪئمپ، ناسڪ جي ديولالي ڪئمپ ۽ پوني پرسان پمپري ڪئمپ ۾ ملٽريءَ جي خالي ڪرايل بئرڪن ۾ رهائڻ جو اِنتظام ڪيو ويو. راشن جا دڪان کولي، مفت ۾ راشن ڏيڻ شروع ڪيائون. نه اَجهو پورو هو نه ئي راشن پورو. عيش آرام جي زندگي بسر ڪرڻ وارا سنڌي عذابن واري زندگي گذارڻ لڳا.

جيڪي ماڻهو اجيڪمار جي صلاح مڃي پاڪستان ڇڏڻ کان اڳ پارت هليا آيا هئا سي خوش -خوشحال هئا، اجيڪمار کي دعائون ڏيندا هئا، سندس دور درشتا جي تعريف ڪندا هئا. جن سندس صلاح نه مڃي هئي سي اڄ دکي هئا، دربدر هئا، داٽي داٽي لاءِ محتاج هئا. سندن معصوم ٻار ريل جي دٻن ۾ گولي بسڪوت وڪڻي رهيا هئا. تسليءَ ۽ فخر جي ڳالهه اِها هئي جو اهڙي ڏکئي وقت ۾ به ڪنهن جي اڳيان هٿ ڦهلائڻ گوارا نه هين.

هڪ دفعو سنڌين جي سِرَ مٿان ڇت آئي، ٿانئيڪا ٿيا ته پوءِ پيٽ ڏي ڌيان وين. ڪيستائين اڌوري سڌوري راشن جي پروسي رهن. جنهن کي جيڪو ڪم هٿ ۾ آيو سو ڪيائون. نوڪري ڪرڻ کان به عار نه ڪيائون. جيڪي سنڌ ۾ سرڪاري نوڪريءَ ۾ هئا تن کي ڀارت ۾ به سرڪاري نوڪري ملي ويئي. سهوليت سان نوڪريءَ جي مٽ سٽ به ڪندا رهيا. ڪيترن نوجوانن نوڪريءَ سان گڏ پڙهائي به جاري رکي. اِمتحان پاس ڪندا ويا ۽ ترقي ڪندا ويا.

ڌنڌي وارن به ترقي ڪئي. ڦيريءَ مان ننڍڙو دڪان، ريزڪيءَ مان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙو، اڳتي وڌندا رهيا.

وچيہ بہ ٺيڪيداريءَ ۽ پراپرٽيءَ جي ڪم سان گڏ اِنجنيئرنگ جي پڙهائي بہ جاري رکي. آخر اِنجنيئر بڻجي ويو. ڪمار پريوار ۾ بہ شهري رنگت اچڻ لڳي ويئي هئي. زائفائون ساڙهي پائڻ لڳيون هيون. وچيہ پينٽ شرٽ مان ڦل سوٽ تي اچي ويو. اجيہ ڪمار گهر ۾ هاڻي کُڙتو پائجامو پائڻ لڳو هو. ٻاهر نڪرندو هو تہ پينٽ شرٽ ۾، خاص موقعن تي ڦل سوٽ پائيندو هو.

گهر ۾ هر ڪم لاءِ نوڪر، نوڪرياڻيون هيون. روٽي سڀ ڊائننگ ٽيبل تي کائيندا هئا. ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ انگريزيءَ جو واهپو وڌي ويو هو. سرڪاري ڪم انگريزيءَ ۾ ئي ٿيندو هو. وچيہ وٽ الڳ ڪار هئي. هوُ پاڻ هلائيندو هو. ٻين لاءِ الڳ ڪار ۽ ڊرائيور هو. اجيڪمار پنهنجو پراڻو شوق جاري رکيو هو. هواخوريءَ لاءِ ويندو هو تہ وڪٽوريا تي. ٽيچپور مان ٻئي هلائڻ وارو نوڪر ساڻ وني آيا هئا. هاڻي هوُ وڪٽوريا هلائيندو هو. اجيڪمار سوسائٽين ۾ سنڌي ڀائرن جو سُڌ-سماءُ لهڻ بہ وڪٽوريا ۾ سوار ٿي ويندو هو.

رُڪان بہ سماج سيوا ۾ لڳي ويئي هئي. سوسائٽين ۾ وڃي غريبن جو سُڌ-سماءُ لهندي هئي. جنهن کي جنهن مدد جي درڪار هوندي هئي سا ڪندي هئي. ڪمار پريوار سيوا کي ئي پنهنجو ڌرم مڃي چڏيو هو.

هڪ ڏينهن رتنا غريب طبقي لاءِ نهرايل ديا سوسائٽيءَ ۾ ويئي. اُن سوسائٽيءَ ۾ سڀ مسواڙي رهندا هئا. ڪوارٽر خريد ڪرڻ جي حيثيت ڪنهن جي بہ نہ هئي. رتنا هڪ اَهڙي ئي گهر ۾ ويئي. اُن ۾ ڪروڙيمل جو ڇئن ڀاتين جو ڪٽنب رهندو هو. ڪروڙيمل پاڻ، سندس گهر واري لاجونتي، مٽڪي لائق جوانُ ڌيءُ شاردا ۽ بيروزگار جوان پُٽ چندر.

ڪروڙيمل سنڌ ۾ وڏو زميندار ۽ خانداني عزتدار شخص هو. هر طرح سان سُکيو-ستابو هو، پر هِتي بامبي ۾ سڀ ڪجهہ ڇڏي ٿوري روڪڙ ۽ ڪجهہ سون کڻي آيا هئا. ديا سوسائٽيءَ ۾ ڪرائي-مسواڙ جي ڪوارٽر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ رهيا پيا هئا. ڪروڙيمل کي ڪنهن ڪم جو ڏانءُ نه هو. شاردا جي پڙهائي اڌ ۾ ڇڏائجي ويئي. چندر پڻ اجا مئٽرڪ ڪليئر نه ڪئي هئي، ڪيس اجا ڪائي نوڪري نه ملي هئي آندل پونجي ۾ سون گهٽبو ٿي ويو. ڪروڙيمل جو وقت ٻُٽين ۾ ڪٽبو هو. لڄونتي ۾ شاردا گهر جي ڪم ۾ رُڌل هونديون هيون.

سندن حالت ڇاڻي رتنا جي دل ڀڄي ويئي. هوءَ سوچڻ لڳي ڪيئن هن پريوار جي مدد ڪري؟ سڌيءَ طرح ته هوُ ڪا به مدد قبول ڪرڻ وارا نه هئا. رتنا شاردا کي ڇتائي ڏسڻ لڳي. شاردا نه فقط سُندر هئي پر سنسڪاري ۽ سليڪي واري پڻ هئي. رتنا هاڻي شاردا کي ٻيءَ نظر سان ڏسڻ لڳي. اُن نظر سان به شاردا ڪري ثابت ٿي. رتنا اُتان موڪلائي اُٿي.

رات جو اجيڪمار سان ايڪانت ۾ ملڻ ٿيس. ڪيس ڪروڙيمل پريوار جي باري ۾ ٻُڌائي پنهنجي منشا ظاهر ڪيائين. اجيڪمار سندس ڳالهه تي غور ڪري رضامنديءَ ۾ ڪنڌ لوڏ ڪئي.

ٻئي ڏينهن شام جو اجيڪمار ۽ رتنا ڪار ۾ سوار ٿي ڪروڙيمل جي گهر ويا. ٻنهين کي اچانڪ گهر آيل ڏسي مونجهاري ۾ اچي ويا. من ۾ آنڌ مانڌ هين، ڪٿي ڪوارٽر خالي ڪرڻ لاءِ ته نه چوندا. شاردا رنڌڻي ۾ وڃي ٽري ۾ رکي ٻه گلاس پاڻيءَ جا ڀري آئي. ادب سان هڪ-هڪ گلاس اجيڪمار ۽ رتنا ڏانهن وڌايائين. ٽيسنائين ٻيٺي رهي جيسنائين ٻنهين پاڻي نه پيتو. خالي گلاس ٽري ۾ رکي واپس رنڌڻي ۾ ويئي. ڪجهه دير بعد هڪ وڏيءَ ٽري ۾ هڪ پليٽ ۾ بسڪوٽ ۽ چار ڪپ چانهه کڻي آئي. اجيڪمار پارکي نظر سان شاردا کي ڏسڻ لڳو. چانهه جا چار ڪوپ ڏسي پڇيائين، ”ڇو پُٽ، تون اسان سان گڏ چانهه نه پيئندينءَ؟“

شاردا نهٺائيءَ سان چيو، ”ٿوريءَ دير ۾ پئيا ايندو آءٌ اُن وقت پيئندس.“

”پُٽ نه هڪ ڪوپ اسان جي ڊرائيور لاءِ به ناهجانءَ.“

”آءٌ هاڻي ئي ڏيئي ٿي اچانس. چئي شاردا وري رنڌڻي ۾ ويئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اجيڪمار چندر کي چيو- ”پُٽ ٻاهر ڪار وٽ ڊرائيور بيٺو اٿئي، اُن کي چئيس ڪار ۾ جيڪو سامان رکيو آهي سو کڻي ڏئي، اُهو کڻي اَچ.

چندر ٻاهر ويو. ٻه مٺائيءَ جا پئڪيٽ آڻي اجيڪمار کي ڏنائين. اجيڪمار رتنا کي ڏنا. رتنا جي چوڻ تي چندر شاردا کي سڏي آيو. شاردا شرمائيندي ڪمري ۾ آئي. رتنا ٻانهن کان پڪڙي چڪي ڇاتيءَ سان لڳايس. پنهنجي پرسان ويهاري پنهنجي ڳلي مان قيمتي هار لاهي، شاردا کي پاتائين. مٺائيءَ جو هڪ پئڪيٽ کولي چندر کي ڏيئي سيني جو وات منو ڪرائڻ لاءِ چيائين. ٻيو پئڪيٽ شاردا کي ڏنائين. شاردا پئڪيٽ ماءُ کي ڏيئي اُٿي ڦيريائين رتنا کي پوءِ اجيڪمار کي پيري پيئي. اجيڪمار مٿي تي هٿ ڦيري آشيرواد ڏئي پرس مان سؤ-سؤ جا ١٠ نوٽ ڪڍي هٿ ۾ ڏنس.

لاجونتي پرس تائيپ ڳوٿريءَ مان ١١ چانديءَ جا سڪا، چندر جو آنڊل ڊراءِ فروٽ، مٺائي، ناريل ۽ مصري چندرا کي ڏنا.

اجيڪمار شاردا کي چيو- ”پٽ چانهه جو هڪ ٻيو دؤر ٿي وڃي. اڌ اڌ ڪوپ چانهه پيئبي. تون پنهنجي ۽ چندر لاءِ ٻه چانهه ناهه.“

شاردا اُٿي اندر ويئي، چندر گهر لاءِ پڻ ڪجهه پئڪيٽ وٺي آيو هو. اندر وڃي هڪ ٽري ۾ پليٽ ۾ ڪاجا، ڪشمش، بسڪوٽ ۽ نمڪين رکيائين. چندر کي ڏيئي روم ۾ موڪليائين. ٻيءَ ٽري ۾ پاڻيءَ جا گلاس موڪليائين. هڪ ٽري ٻاهر ڊرائيور کي چندر وڃي ڏيئي آيو.

اجيڪمار چندر کان پڇيو، ”پُٽ چندر اجڪلهه ڇا ڪري رهيو آهين؟“

چندر نهايت ادب سان چيس، ”ماسٽر صاحب پڙهائي اڌ ۾ ڇڏائجي ويئي آهي. نوڪريءَ جي تلاش آهي. ڀلي پرائيويٽ نوڪري هجي، ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.“

اجيڪمار چيس، ”ڏس پُٽ وجيه تي ڪم جو لوڊ وڌي ويو آهي. اِنجنيئرنگ جي پڙهائي به ڪري رهيو آهي. تون پنهنجو ماڻهو آهين،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ هفتي لاءِ شاردا سان گڏ گوئا هليو ويو. هفتو موڄ مستيءَ ۾ گذاري
بئي گهر موٽي آيا.

شاردا گهر سنڀالي ورتو. رتنا کي وڏيڪ آزادي ملي ويئي. اجيڪمار
به ڪم جي مٿين نظرداري ڪندو هو ۽ ضروري صلاح ڏيندو هو. باقي
سڄو ڪم وجيه ۽ چندر ڏسندا هئا.

وجيه جي شاديءَ جي ٻن سالن کانپوءِ شاردا پُٽ کي جنم ڏنو. ڪٽنب
جي ٽين پيڙهيءَ کي گود ۾ کڻي ديا ڦولي نه ٿي سمائي. سندس هڪ
ئي تمنا هئي پريوار جو واڌارو. ٻالڪ جو نالو ستيشڪمار رکيو ويو.

پنجن سالن جي وقفي کانپوءِ شاردا ٻئي پُٽ کي جنم ڏنو. ٻار جو نالو
سريشڪمار رکيو ويو. گويا ڪمار پريوار ۾ ايس. ڪمار سيريز جي
شروعات ٿي ويئي.

سريش جي جنم کان هڪ سال پوءِ ديا سنسار کي الوداع ڪري اٿڏني
ڏيهه هلي ويئي. پوري مان-سنمانَ ۽ ٻئنڊ باجن سان سندس انتم
سنسڪار ڪيو ويو. وري مٽ مائٽ گڏ ٿيا. سندس هانيون هرداور ۾
گنگاجيءَ ۾ پروان ڪيون ويون ۽ ٻارهين جي ڪريا ۽ پنڊ دان به هردوار
۾ ڪيو ويو. ڪُل جي روايت کان الڳ ديا جي ٻارهي تي هون ڪرايو ويو.
ڪوئي مرتيو ڀوڄ يا موچاٽيءَ جي روٽي نه ڪئي ويئي. اُن تي ٿيڻ وارو
خرچ گهرجائو سنڌي پائرن کي اَن وستر جي مدد جي روپ ۾ ڪيو ويو.
البت پريوار جي نياڻين کي سون ۽ روڪ رقم ڏني ويئي. ڪجهه وقت
کانپوءِ اجيڪمار گيا وڃي ماتا پتا ۽ ٻين پريوار جي وڏن جو پنڊ دان
ڪري آيو. گهر پريوار اڳه جيان هلڻ لڳو. ٺيڪيداري ۽ پراپرٽيءَ جو
ڪم ترقيءَ تي هو. ڪمارس جي ڳٽپ اِي. ڪلاس ۽ ايماندار ٺيڪيدارن
۾ ٿيڻ لڳي هئي.

ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي سرڪار مٿان لڳاتار دٻاءُ ٺاٺي رهيو هو ته
پاڪستان ۾ ڇڏي آيل ملڪيت جو هندن کي ڪليم ڏنو وڃي. آخر
مرڪزي سرڪار ريهبليٽيبيشن جو هڪ نئون محڪمو ٺاٺيو. هڪ منسٽر

کي اِهو محڪمو سپرد ڪيو ويو. پارليامينٽ ١٩٥٦ ۾ اويڪيو پارپرٽيز ۽ ريهبليٽيبيشن ائڪٽ پاس ڪري، ڀارت ۾ مسلمان جيڪي زمين جائداد ڇڏي ويا سي ضبط ڪري، هڪ پول ۾ وجهي ڪسٽوڊين جنرل جي حوالي ڪئي. هر هڪ راڄيہ ۾ هڪ مئنيجنگ آفيس کولي، مئنيجنگ آفيسر مقرر ڪيو ويو. وستاپتن کان ڪليم ڀرايا ويا. ڪليم جي جاچ ڪري بحال ڪري، عيوضو طيءِ ڪري، الڳ-الڳ جڳهين تيءِ ڪسٽوڊين جي پوُل مان زمينون ۽ جڳهيون اَلاٽ ڪيون ويون.

اجيڪمار تيجپور جي زمين ملڪيت تہ ڏيئي آيو هو. اُن جو ڪليم نہ ڀريائين باقي ڇهن ڀُونن ۾ ڇڏيل زمين عيوض ڪيس پنويل ۾ هڪ سؤ ايڪڙ زمين اَلاٽ ڪئي ويئي. اُن زمين تي لوڻ جي کيتي ٿيندي هئي. کيت ۾ ٻارا نه هي، سمنڊ جو پاڻي پري، پاڻي سُڪائي لوڻ ناهيندا هئا. ڏاڍو لايڪاري ڪم هو. وجيہ جي مرضي هئي تہ لوڻ جي کيتي ڪرائجي. اجيڪمار کي اعتراض هو. هن جو چوڻ هو تہ لوڻ تيل وڪڻڻ واڻين جو ڪم هو. اِهو سندن شان وٽان نہ هو. اِن جي بجاءِ اَلاٽ ٿيل زمين وڪڻي مليل رقم پراپرٽيءَ ۾ لڳائجي، اُن ۾ ويڪ گنجائش هئي. وجيہ کي پيءُ جي صلاح مڃڻي پيئي. جلد ئي نتيجو سامهون اچڻ لڳو.

وجيہ چندر کي الڳ ڪري نئين ڪمپني شروع ڪرائي، ننڍا-ننڍا نيڪا چندر کي ڏيارڻ لڳو. چندر جو ڪم بہ هلڻ لڳو. ڪروڙيمل کي بہ ڪليم ۾ چڱي زمين جائداد ملي. زمين جائداد وڪڻي چندر گهاٽڪوپر ۾ هڪ ننڍو خوبصورت بنگلو نهرايو. ديا سوسائٽيءَ وارو گهر ڇڏي گهاٽڪوپرُ واري بنگلي ۾ شفٽ ٿي ويا. چندر جي بہ شادي ٿي ويئي. سندس پريوار ۽ ڪاروبار ترقيءَ تي هئا. ڪروڙيمل هاڻ سيٺ ڪروڙيمل سڏجڻ لڳو. وڃايل شان شوڪت واپس حاصل ڪري ورتائون.

هوڏانهن سنڌ ۾ هندن جي ڇڏيل زمين جائداد مهاجرن کي الاٽ ڪئي ويئي. ڪيترين جائداد تي تہ اڳيئي زوريءَ قبضو ڪري وينا هئا. اُنهن ظالمن سنڌي مسلمانن ۽ ڪامگارن جي حالت غلامن کان بہ بدتر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ڇڏي. سنڌن زائفن کي پنهنجي هوس جو شڪار بڻائڻ لڳا. غريب مسلمان پنهنجي هندو مالڪن کي ياد ڪري هنجون هارڻ لڳا.

گهڻ ڪانپوءِ گهماسان ٿيندو آهي. سنڌي مسلمان بدلي جي آگ ۾ برڻ لڳا. ٻهراريءَ ۾ مهاجر بلڪل نالي ماتر هئا. سنڌي مسلمانن وڃهه ونې مهاجرن جو قتل ڪرڻ ۽ سنڌن زالن کي اغوا ڪرڻ شروع ڪيو. مهاجر پُڄي نہ سگهيا. ديهات ڇڏي شهرن ڏي ڀڳا. هاڻي سنڌن زور ظلم ڪراچي حيدرآباد واسين تي ٿيڻ لڳو. ڪراچيءَ تي تہ قبضو ڪري ورتائون.

تيجپور ۾ مهاجرن لاءِ ڪائي گُنجائش ئي نہ بچي هئي. اُتان جا باشندا جائز ۽ قانوني طريقي سان هندن جي ملڪيت جا مالڪ بڻجي چڪا هئا. نہ مهاجرن جو زور هليو نہ سرڪار جو. تيجپور جا باشندا اجيڪمار کي دعائون ڏيڻ لڳا.

ڀارت ۾ پرانتن نجو نئين سر نرماڻ ٿيو. ۱ نومبر ۱۹۵۶ تي مڌيہ پرديش وجود ۾ آيو. ڀوپال کي مڌيہ پرديش جي راڄڌاني بڻايو ويو. ڀوپال هڪ جهونو پراڻو نوابي رياست جو شهر هو. راڄڌانيءَ جي لائق بلڪل نہ هو. ڪيندر سرڪار نئون ڀوپال اڏڻ لاءِ راڄڌانيءَ جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ راڄيہ سرڪار کي وڏي رقم گرانٽ ۾ ڏني.

سرڪار جو پي. ڊبليو. ڊي. ڪاتو اڪيلي سر سڄو نرماڻ ڪاريہ ڪرڻ ۾ سمرٿ نہ هو. سرڪار کي ڪم جلد از جلد پورو ٿيل گهربل هو. نئين ڀوپال جو جوڙجڪ ناهي، الڳہ-الڳہ ناميارن ٺيڪيدار ڪمپنين کي ٺيڪو ڏيڻ جو ويچار بڻايو ويو، اِن لاءِ ٽينڊر جاري ڪيا ويا.

وڄيہ کي ڀوپال ۾ گهڻي گُنجائش نظر آئي. پيءُ سان صلاح ڪري ٽن چئن ڪمن جا ٽينڊر ڀريائين. وڄيہ جا ٽينڊر پاس ٿيا. ڀوپال وڃي هڪ ڪرائي جي جڳهہ وٺي عارضي طور گهر ۽ آفيس شروع ڪيائين. ڪجهہ اِسٽاف بامبي مان موڪليائين، ڪجهہ ڀوپال ۾ اپائينٽ ڪيائين. ڀوپال ۾ ڪمار اِنجنيئرس ۽ ڊيولپرس جو ڦهريون بورڊ لڳو. آفيس جو مهورت اجيڪمار کان ڪرايائين. پريوار بامبي ۾ رهڻ لڳو. وڄيہ گهڻو وقت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀوپال ۾ ٿورو وقت بامبي ۾ گذارڻ لڳو. بامبي ۾ ڪوئي نئون نيڪو نہ ورتائين. جيڪو ڪم هٿ ۾ هئس، اُن کي ٽڪڙو ٽڪڙو سميٽڻ لڳو. ڀوپال ۾ مشغولي وڌڻ سبب بامبي جو رهيل ڪم سالي کي پيٽي نيڪيدار بڻائي اُن جي حوالي ڪيائين. اجيہ ڪمار ڪوٺي فضا ۾ رهڻ لاءِ بنگلو نهرائڻ شروع ڪيو هو. آفيس پڻ ٽي. ٽي. نگر ۾ نهرائڻ شروع ڪئي هئائين. آفيس پهريائين تيار ٿي ويئي هئس. بنگلو تيار ٿيڻ تي ماءُ پيءُ کي ڀوپال شفٽ ٿيڻ لاءِ عرض ڪيائين.

اجيڪمار چيس، ”آءٌ هتي جي ماحول ۾ رمي ويو آهيان. هتي پنهنجا ڳوٺائي بہ آهن، نئين شهر ۾ اوپرن جي وچ ۾ مزو نہ ايندو. آءٌ هتي ئي رهندس.“ رتنا بہ بامبي ۾ رهڻ جي مرضي ڏيکاري. ستيش جي پڙهائي بامبي ۾ جاري رکڻ جو طيءِ ٿيو. هفتي کن لاءِ اجيہ ڪمار ۽ رتنا بہ ڀوپال وڃڻ لاءِ راضي ٿيا. ڪمارس ڀوپال شفٽ ٿي ويا.

گرهہ پرويش جي رسم پوري ڪرائي، ڪجهہ ڏينهن ڀوپال ۾ رهي اجيڪمار ۽ رتنا بامبي واپس ويا. ستيش پڻ ڏاڏي ڏاڏيءَ سان گڏ بامبي ويو.

ٻارن جي ڀوپال وڃڻ کانپوءِ اجيڪمار کي ڪجهہ خالي-خالي لڳڻ لڳو. رتنا پنهنجي سماج سيوا جي ڪم ۾ بزي ٿي ويئي.

اجيڪمار کي اڪيلائپ کائڻ لڳي. اڪيلو اِنسان يادن جي سهاري وقت گذارڻ چاهيندو آهي. اجيڪمار کي بہ ننڍپڻ جون يادگيريون اچڻ لڳيون. ڪيئن سندس ڏاڏي لوليون ڏيندي هيس، راجا راڻين ۽ پرين جون ڪهاڻيون ٻڌائيندي هيس، مهاپُرشن جون جيونيون ٻڌائيندي هيس. ڏينهن جي شروعات گرونانڪ ديو جي مورتيءَ کي هٿ جوڙڻ سان ٿيندي هيس، هٿ منهن ڌوئي نم يا ٻير جو ڏندڻ ڪيتري دير چٻاڙي گرڙي ڪري، ماڪيءَ ۾ ٻڏل بادامين جا گورا کائي کير جو گلاس پيئڻ.

نيرن کان اڳ ٽريءَ ۾ تازو مکڻ رکي ڳيهڻ. مکڻ جي وچ ۾ ڪٽيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوُنڙ پيل هوندا هئا. جيئن گرميءَ ۾ آرايون، ڦٽ ڦرڙي نہ نڪرن. سياري ۾ پنير چٻاڙي پاٽيءَ سان ڦڪڻ.

نيرن تي ڪوئي نہ ڪوئي مِنو تول، دال پورِي، پٽاٽا، ڦلڪو وغيره. مٽان ڏڌ جو گلاس. وڏن کي پيري پئي ۽ اِسڪول وڃڻ، ڪتابن جو ڪوئي وزن نہ، سليٽ قلم يا مُلتاني متيءَ سان ليپيل لڪڙيءَ جي پٽي. هڪ اڌ ڪتاب. جيئن جيئن درجو ٽپندو ويندو هو، هڪ بہ ڪتاب جو واڌارو ٿيندو ويندو هو. اِسڪول ۾ ٿي ڪسرتءَ رانديون بہ ڪرائيندا هئا. اِمتحان جو ڊپ بلڪل نہ هوندو هو. پڪي اِمتحان ۾ نوان ڪپڙا نئون بوٽ پائي ويندو هو. جڻ ميلي ملاکڙي ۾ تو وڃي.

ٿڌ جي مؤسم ۾ ديا ڊراءِ فروٽ جو ڊبو پري رکندي هئي. نڪر جا ٻئي کيسا ڊراءِ فروٽ سان پري ڇڏيندي هيس. پيو مزي سان کائيندو هو. تيجڪمار کي نان ويج جو شؤق هو. گهر ۾ اڪثر مڇي پلو، آني گانگٽ، تيوڻ مغز، قيمون، جيرا، ٻُڪيون وغيره کائڻ لاءِ ملندا هيس. رات جي روٽيءَ کان اڳہ پيءُ سان گڏ ويهي ڊرنڪ وٺندو هو. تيجڪمار جي بار ۾ هر طرح جو ڪليڪشن هوندو هو. سندس پهرين پسند هوندي هئي رياست جو شراب. اجيڪمار جي پسند هوندي هئي گرين وائين.

هر سيزن ۾ سيزنيبل فروٽ ايندا هئا. گرميءَ ۾ انب گدرو، هنداڻو خاص هوندا هئا. ڪجهہ فروٽ اهڙا بہ ايندا هئا، جن جو هندستان ۾ نالو بہ ٻُڌڻ ۾ نہ ايندو آهي. لُڪات، ڪاريون لوٽانيون ڪارڪون، اٽائي ٻير وغيره ياد اچڻ لڳس، ايترو ڊاول هوندو هو جو ٻاهر ڪيڏانهن نهارڻ جي ضرورت ئي نہ پوندي هيس.

تيجڪمار جڏهن بہ ڪيڏانهن ٻاهر ويندو هو تہ، اجيہ کي ضرور ساڻ وٺي ويندو هو. اُن ڪانسواءِ اڪثر ناناٽي، پڦين، ماسين وٽ ويندو رهندو هو.

نڍيڻ جون رانديون، لِڪ ڇِپ، سَٽ ڪُٽَ، اِٽي ڏڪر، چدي راند، ڪبڊي وغيره. وڏن جون رانديون- ملهہ، فوٽ بال واليبال وغيره ڏسڻ جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڱو خاصو چاهہ هوس. جيوٽيءَ جي ناچ ڳاني ۾ تہ پوري رات گذري ويندي هئي. شمن گڏيءَ جو ناچ ڳانو، ڀڳت ڪٿا، ڪير تن پريات ڦيرين ۾ بہ شامل ٿيندو هو. ڪارڪت جي مهني ۾ نڪاٽي ۾ ڳرن جا پاٺا، جن ۾ ٻُرن جو اتهاس سمايل هو، بندا بهادر جي ڪهاڻي ڏاڍي چاهہ سان ٻُڌندو هو.

شوالي ۾ گيتا پاٺ، ڀاڳوت ڪٿا، رامائڻ، شو پُراڻ، وشنو پُراڻ، منو سمرتي ٻُڌڻ ڪيترو نہ آننددايڪ گيان وڌائڻ وارا هوندا هئا. سرشٽيءَ جي رچنا، عمر جو ليکو جوکو، منويتر راجا اڪشواڪ سنسار جو پهريون راجا ٿي گذريو آهي. اُن کان پوءِ ٿيل راجائن جي ونشاولي، سوريہ ونشي رگهوڪُل مکيہ راجا رامچندر، چندرونشي، يدوڪُل جنهن ۾ شري ڪرشن ڀڳوان جنم ورتو، ڪرو ونش (ڪؤرو پانڊو) مهاشڪتي شالي سنڌوپتي راجا جئدرٿ. سچو اتهاس تہ هو اسان وٽ. مسلمانن ۽ انگريزن اسان جو اتهاس، اسان جا گرنٿ لُٽي برباد ڪري ڇڏيا. اسان تي پنهنجو رچيل اتهاس ٿوپي ڇڏيائون. جنهن کي اسين سچ مڃي رهيا آهيون.

اجيڪمار سوچڻ لڳو-ڪاش! اسان جي وڏن پنهنجي ونش جو اتهاس لکايو هجي ها تہ اُن دؤر جي سماج، سياست ۽ مالي حالتن جو جائزو ملي ها.

فرصت جي وقت ۾ اجيڪمار اهڙيون ئي ڳالهيون سوچيندو رهندو هو. هڪ ڏينهن احمدآباد مان سندس پيڻ جو فون آيو. فون تي ٻُڌايائينس تہ سندس پُٽ اُميش جو رشتو جهوناڳڙه جي سيٺ حقيقتراءِ جي ڌيءُ وديا سان آيو هو. ڇوڪريءَ جي ڏاڏاڻي نُکہ ۽ اُميش جي ناناڻي نُکہ ملي آئي، انڪري رشتو نہ ٿي سگهيو. وڌيڪ چيائينس، لڳي ٿو حقيقتراءِ وارا توهان جي برادريءَ وارا آهن. توهان اِن باري ۾ دريافت ڪرڻ چاهيو تہ سندس فون نمبر ڏيانو. اجيڪمار فون نمبر ۽ ائڊريس ورتس. فورن حقيقتراءِ کي فون لڳائي پنهنجو ۽ پنهنجي ڪُل جي ڄاڻ ڏنائين ۽ سندس ڪُل جي ڄاڻ ورتائين. پتو پيس پاڻ ۾ سڳي برادريءَ جا هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهمائي آيو، ڳر جو ٻيلو، پوربندر، دوارڪا. آخر راجڪوٽ گهمائي احمدآباد پيڻ جي گهر ڇڏيائينس. موڪلائڻ وقت اجيڪمار سيني برادريءَ وارن کي يوپال ۽ بامبي اچڻ جي نينڊ ڏني، جا سيني قبول ڪئي.

اجيڪمار ٻه ڏينهن پيڻ وٽ رهي، يوپال آيو. ڪجهه ڏينهن يوپال رهي رتنا ۽ ستيش سميت بامبي موٽي ويو.

بامبي ۾ برادريءَ وارن سان خط چٺيءَ جو سلسلو جاري رکيائين. هي ٻه هڪ وقت گذاري جو ذريعو بڻيس. پر آخر ڪيستائين؟ آخر اِنسان ٿڪجي ٿو. اجيتڪمار جي من ۾ ڪائي چاهه نه رهي. چاهت نه رهي ته زندگيءَ ۾ ٻه موهه نه رهندو آ. اِنسان جي هڪ ئي چاهه رهندي آ، هر ٻنڌن کان مڪتي. آخر اجيڪمار ٻه تصوير ۾ تبديل ٿي ويو.

وجيه فلائيٽ پڪڙي سگهرو بامبي پهچي ويو. سيني مٿن مائٽن ۽ برادريءَ وارن کي فون تي خبر ڏني ويئي. شهرن ۽ واقفڪارن لاءِ هندستان اخبار ۾ خبر ڇپائي ويئي. شو ياترا ۾ ارٿيءَ سان سوين ماڻهو شامل ٿيا. سڀ مٽ مائٽ لڳه لاڳاپي وارا گڏ ٿيا. ٻارهي تائين سڀ ڪريا ڪرم ٿيندا رهيا. مارڪو نه ڪيو ويو. اُن تي خرچ ٿيڻ واري رقم غريبن کي اَن وستر جي مدد جي روپ ۾ خرچ ڪئي ويئي. نياڻين کي دان پُنج ڏنو ويو. مهمانن جي رواني ٿيڻ کانپوءِ وجيه ماءُ کي يوپال هلڻ لاءِ چيو. رتنا بامبي ۾ ئي رهڻ پسند ڪيو. سَسُ کي ماءُ جي سار سنڀال لاءِ ڇڏي وجيه سگهو ئي يوپال روانو ٿي ويو. مهني ۾ هڪ ٻه ڏينهن بامبي وڃي ماءُ جي سار سنڀال لهي ايندو هو.

وجيه جي هڪ تمنا هئي، ٽيجپور جي طرز تي يوپال پرسان ڪمار نگر وسائڻ جي هئي. جيئن ئي هٽ ڪليو ٿيس، هوشنگاباد روڊ تي روڊ سائيڊ سان سؤ ايڪڙ زمين خريد ڪيائين. اِسپات حبيب گنج کان ٥-٦ ڪلوميٽر پري هو. وجيه جو انداز هو ته يوپال جو ڦهلاءُ ٿيندي ٿيندي ڪمار نگر کان ٻه اڳتي ٿي ويندو. ليڪن يوپال جو ڦهلاءُ ٿي. ٽي. نگر جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آس پاس ئي ڦيندو رهيو. وجيہ جي پونجي بلاڪ ٿي ويئي. پر اُن جي پرواھہ نہ ڪيائين.

سؤ ايڪڙ جي اندر روڊ جي ويجھو ئي هڪ ٻئي ڪسان جو اڍائي ايڪڙ جو کيت، جھوپڙي ۽ هڪ کوھہ هو. اُهو ٽڪر ڪسان ڪنهن بہ قيمت ۾ وڪڻڻ لاءِ تيار نہ هو. وجيہ هر قيمت تي اُهو ٽڪرو خريد ڪرڻ چاهي پيو.

سريش جي جنم کان ۱۴ سال پوءِ شاردا وري گربوتي ٿي ويئي. اِها هڪ عجيب ۽ اڻ چاهي گھٽنا هئي. شاردا ٻار کي جنم ڏيڻ جو پڪو اِرادو ڪيو. ليڪن پريشان رهڻ لڳي. گھر سنڀالڻ ڏکي ڳالهہ ٿي پيس. وجيہ ماءُ کي ممبئي پوپال وٺي آيو. وقت پورو ٿيڻ تي شاردا ٽئين پُٽ کي جنم ڏنو. ڊليوريءَ هيٺو حال ڪري ڇڏيس. رت ست نڪري ويس. وجيہ سار-سنڀال ۽ علاج ۾ ڪائي ڪمي نہ ڪيس. پر رِڪوريءَ جي رفتار سُست هئي.

ڊاڪٽر ڪنا، وجيہ کي شاردا جي علاج لاءِ بامبي وٺي وڃڻ جي صلاح ڏني. علاج لنبو هلڻ وارو هو. وجيہ کي بہ شاردا سان گڏ رهڻو ٿي پيو. ڪنسٽرڪشن ورڪ هڪ ڏينهن لاءِ بہ روڪڻ ڏکيو هو. هوُ چنتا ۾ پئجي ويو.

سنيش اِنجنيئرنگہ جي پڙهائي ڪري رهيو هو. هوُ پڙهائيءَ سان گڏ ڪم ۾ پيءُ جي مدد پڻ ڪندو هو. فل فلئج ڪم سنڀالي، اينتري چاڻ نہ هئس.

سريش من مؤجي، ڪائڻ پيئڻ جو شوقين ۽ يار باز اِنسان هو. ۱۵ سالن جي عمر ۾ ئي ڪار هلائيندو هو. دوستن جو ٽولو ساڻ هوندو هوس. پئسي ڏوڪڙ جي ڪمي هئس ڪانہ!

سنيش گنڀير ۽ ذميوار نوجوان هو. پيءُ وٽ وڃي چيائين- ’’ڊئڊي مميءَ جو علاج ضروري آهي. توهان فڪر نہ ڪريو آءٌ سڀ سنڀالي وٺندس. ياڳچند ڪاڪا آهن ئي پُراڻا پروسي جا ماڻهو آهن. ضرورت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيئي تہ توهان سان فون تي صلاح ڪري وٺندس.“

وجيہ چيس- ”پٽ وڃڻو تہ پوندو ئي، ليڪن هڪ بيو مُنجهيل مسئلو آهي، ڪمار نگر جي پلاٽ ۾ هڪ ڪسان جو ادائي ايڪڙن جو کيت آهي. هوُ ڪنهن بہ قيمت تي وڪڻڻ نٿو چاهي ۽ مونکي اُهو هر قيمت تي گهرجي. اُن کان سواءِ ڪمارنگر جي رونق بيزيب لڳندي.“

ستيش چيس، ”ڊئڊي، آءٌ اَڄ ئي اُن جو جائزو وٺي ٿو اچان. اُن جي لاءِ بہ آءٌ ضرور ڪجهہ ڪندس.“

وجيہ چيس، ”ڊرائيور ۽ ڪنهن ايجنٽ کي ساڻ وٺي وڃ.“

ستيش چيس، ”ڊئڊي، اِهو نيڪ نہ رهندو، ڪسان کي اگر خبر پئجي ويئي تہ آءٌ توهان جو پُٽ آهيان تہ سِڌي مُنهن ڳالهائيندو ئي نہ، آءٌ اجنبي بڻجي اُتي ويندس.“

”ڏس پُٽ، جيئن توکي نيڪ لڳي.“

ستيش پيءُ کي پيري پيئي ٻاهر نڪري ويو. ماءُ جي روم ۾ وڃي ماءُ کي پيري پيئي طبيعت جي باري ۾ پُڇيائين. ننڍڙي سنيل کي پيار ڪيائين اُنان اسٽڊيءَ ۾ وڃي ٽيبل تي ڪمار نگر جو نقشو ڦهلائي جائزو ورتائين. نقشو ويڙهي هڪ جهولي ۾ وڌائين. ڊائننگ هال ۾ وڃي، نيرن ڪاڌائين. نيرن ڪائي، بائيڪ تي سوار ٿي سائيٽ تي روانو ٿي ويو. سائيٽ گهر کان ١٨-٢٠ ڪلوميٽر پري هئي. اسپاٽ تي پهچي پهريائين بائيڪ تي سڄو پلاٽ ماپي آيو. پلاٽ روڊ سائيڊ کان ڊيگهہ ۾ وڏيڪ هو. اندر ويڪر ۾ ڇڱو ڳهت هو. پلاٽ تي چوڌاري فينسنگ ٿيل هئي. ڪسان جو کيت ڇڱو اندر هو. ستيش موٽي اُتي آيو جتي اندر وڃڻ لاءِ گيٽ نهيل هو. بائيڪ پارڪ ڪري ستيش گيٽ کولي اندر گهريو. پئدل ئي ڪسان جي کيت طرف وڌيو.

مئيءَ جو مهنو هو، سڄ مٿي مٿان اچي چڪو هوس. گرم هوا بہ هلي رهي هئي. مٿي تي اُس کان بچاوَ لاءِ هئٽ پيو هئس. بدن پسيني ۾ تربتر ٿي ويو هوس. گلو خُشڪ ٿي رهيو هوس. سوچڻ لڳو، ڪسان جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهر پهچي ئي پيئڻ لاءِ پاڻي ملندو. ستيش تکڙا تکڙا قدم کڻي ڪسان جي جهوپڙيءَ طرح وڌڻ لڳو. قريب پهچي حيراني ٿيس. ڪسان جو کيت جهوپڙيءَ جي چوڌاري نڪيلي لوهه جي تارن جي فينسنگ ٿيل هئي. ٻاهر وڃڻ جو رستو ئي نه ڇڏيو ويو هو. ستيش کي بيحد بُرو لڳو. اِئين ڪنهن کي مجبور ڪري جُهڪائڻ مچائڻ نيڪ نه لڳس. وڃيءَ نه اهڙو نه هو، ضرور ڪنهن گُمراهه ڪيو هوندس.

فينسنگ جي قريب پهچي اندر نظر ڊوڙايائين. پرسان ئي کوهه هو، کوهه تي هڪ نوجوان خوبصورت ڇوڪري پاڻي ڀري رهي هئي. ڇوڪري سادي پهراوي ۾ به اپسرا لڳي رهي هئي. ستيش جي نظر حسينا جي چهري تي ٽڪي ويئي. گلي جي پياس پُلجي ويو، من جي پياس ۾ بيحال ٿيڻ لڳو.

ڇوڪريءَ پاڻي ڀري ورتو ته ستيش ڏي ڌيان ويس، جيڪو لڳاتار کيس ٽڪي رهيو هو. غصي ۾ چهرو تامڙي هٽي ويس. گرجندڙ آواز ۾ چيائين، ”يون ٽُڪر ٽُڪر ڪيا ديکه رهي هو؟ شهر ۾ لڙڪيون ڪا اڪال پڙ گيا هئه ڪيا جو ڀري دُپهري ۾ يهان مرني آئي هو.“

ڇوڪريءَ جي ڳالهه ٻُڌي ستيش کي ڪل اچي ويئي. ستيش کي کلندو ڏسي ڇوڪري حيران پريشان ٿي چيس- ”بڙي ڍيٽ هو جي، شرم تو آتي نهين، اُلٽي دانت دِکا رهي هو.“

ستيش جي دل ٺهڪ ڏيڻ تي ٿي، پر گنڀير ٿي چيائينس، ”ديوي جي راهه ڀُول ڪر ڀٽڪ رها ٿا. پياس لڳ آئي ٿي، پاني ڪي تلاش ۾ اِڌر آيا ٿا. آپڪو ديکڪر پلڪ جهپڪنا ڀُول گيا. گلي ڪي پياس ڀُول گيا. من ڪي پياس ڀڙڪ اُٿي هئه، شهر ۾ نه تو لڙڪيون ڪي ڪمي هئه نه خوبصورتي ڪي، پر ائسا انوپم موهڪ مؤندريه شهر ۾ ڪهان اب تو يهين بسني ڪو من ڪر رها هئه.“

ڀوتيءَ اکيون کڻي ستيش ڏي نهاريو. سندس ڳالهيون ئي نه هو خود به موهڪ نوجوان هو. هن شرمائيندي چيو، ”بابو، باتون سي پياس نهين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻُجهيگي. پاڻي پلائون؟“

ستيش بيخياليءَ ۾ اڳتي وڌيو. فينسنگ جي نڪيلي ڇهنب پيٽ ۾ چُڀي ويس. غصي ۾ چهرو ڪارانجي ويس. فينسنگ جي لڪڙيءَ جي ٿنڀي کي وچمان پڪڙي ڇڪيائين. ٿنڀو ٻاهر نڪري آيو. ڇوڪري حيرانيءَ مان ستيش جي جوش ۽ مسلس جي طاقت کي ڏسڻ لڳي. ستيش هڪ-هڪ ڪري ٽي-چار ٿنڀا اُکاڙي ڦٽي ڪيا. ڇوڪري موهڪ نظرن سان ستيش کي ڏسڻ لڳي. ستيش لوڙهو ٽپي اندر آيو. ڇوڪريءَ پاڻي پيئارڻ لاءِ گهاگهر مٿي ڪئي. ستيش هٿ منهن ڌوئي هٿ وات سان لڳايو. ڇوڪري گهاگهر سان پاڻي اوتي ستيش جي پياس ٻُجهائي به رهي هئي، وڌائي به رهي هئي. گڏوگڏ پنهنجي اکين جي به پياس ٻُجهائيندي رهي.

ستيش سڌو ٿي بيٺو. رومال سان هٿ منهن اُگهي رومال جيب ۾ رکيائين. ڇوڪريءَ کي مهرباني چيائين. ڪسان سان ملڻ جو ويچار مهمل ڪري واپس وڃڻ لاءِ مُڙيو.

ڇوڪريءَ چيس، ”بابو گهر ۾ ڪوئي بڙا بوڙها نهين هئه ڪيا؟“

ستيش مُڙي چيس، ’هئه ڪيون نهين، ڪيون پوُڇ رهي هو؟“

”پر ڊُپهري ۾ جهنگل ڪي خاڪ ڇانٽي ڦر رهي هو، لوُ لگه گئي تو جان ڪي لالي پڙ جائينگي، ڪوئي روڪتا ٽوڪتا نهين؟“

”ڪوئي ديکي تو روکي نه؟ فلحال تمني ٽوکا هئه، رڪوُن به تو ڪهان جائون؟“

”آئو ميري ساٿ چلڪر گهر ڪي ڀيتر بئٺو. سوريه پشچم دشا ۾ جاءِ تَبُ جانا.“

”گهر ۾ آپڪي باپو ني لاٺي مار ڪي سَرِ ڦوڙ ديا تو؟“

”باپو ڪي لٺ سي ڊرتي هو؟ اُس ظالم زمين ڪي مالڪ سي نهين ڊرتي، جسڪي تُمني باگڙ اُکاڙڪر ڦينڪ دي؟“

ستيش چيو، ”مئن اُنڪا ملازم هون، ناراض هونگي تو نوڪري سي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نڪال دينگي اؤر ڪيا ؟''

''بڙي نڊر هو جي.''

''مئن اپني بازئون ڪا ڀروسا ڪرتا هون.''

''آپڪو پوکہ ڀي تو لگي هوگي نہ؟''

''پوکہ برداشت هو جاتي هئہ، پياس نهين، آپني ميري پياس بُجها دي، آپڪا ڌنيواد.''

''تنِڪ رُڪو، يهہ گهاگهر ڀر لون تو چلتي هئن. پر آپڪي بابو؟ ڊر تي هو باپو سي؟''

''نهين ڊرتا، لائو بالٽي اِڌر دو مئن پاني ڀرتا هون.''

''بابو، جسڪا ڪام اُسي ڪو ساجي.'' ڇوڪريءَ گهاگهر ڀري، بالٽي ڀري. گهاگهر ڇيلهہ تي رکيائين. بالٽي کڻڻ لڳي. ستيش بالٽي کڻي ورتي. هٿ جي ڇهاءُ سان ٻنهين جي جسم ۾ لرزش پئدا ڪري ڇڏي. ڇوڪريءَ بالٽيءَ تان هٿ هٽائي ڇڏيو. ٻيهر ڪرنٽ سهڻ جي همت نہ هيس. ستيش بالٽي کڻي ڇوڪريءَ جي پُٺيان هليو. جهوپڙيءَ وٽ پهچي ڇوڪري گهاگهر اٽڻ پرسان نهيل رنڌڻي ۾ رکي آئي. ستيش بالٽي پڪڙي بيٺو رهيو هو. ڇوڪريءَ ستيش جي هٿ مان بالٽي ورتي. آڱرين جي ڇهاءُ هڪ دفعو وري ٻنهين کي لرزائي ڇڏيو. ڇوڪري بالٽي بہ اندر گهاگهر جي پرسان رکي آئي. ڇوڪري اندران فراسي کڻي آئي پٽ ۾ وڇائي ستيش کي ويهڻ لاءِ چيائين. ستيش اندر نظر ڦيرائي چڪو هو. ڪمري ۾ ڪير بہ نہ هو. ستيش ڇوڪريءَ جو هٿ پڪڙي ڇڪي پنهنجي پرسان ويهاريو. ڇوڪريءَ کي ستيش جو هٿ پڪڙڻ ڀلو لڳو. سوچڻ لڳي ڪاش هوُ سندس هٿ سدا لاءِ پڪڙي وٺي.

ستيش ڳالهين جو سِلسِلو جاري ڪندي چيو، ''ميرا نام ستيش هئہ، آپڪا؟''

''بتانا ضروري هئہ؟''

''مرضي هئہ آپڪي.''



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ميرا نام سنيتا هئہ، ايڪ بات پوڇون؟“

”پوڇو.“

”آپ شهر والي ڪيا کاتي هو؟“

”اَن هي کاتي هئن.“

”يا ڌَنُ کاتي هو؟“

”اَن ڌَنُ سي هي تو آتا هئہ.“

”ڪتني روٽي کاتي هو؟“

”ايڪ سميہ ۾ دو يا تين.“

”دو يا تين روٽي ڪي ليئي ڪتنا ڌن چاهيئي؟ ڪيون غريبون ڪي کيت اؤر جهوپڙي کٽڪتي هئن آنکون ۾؟“

ستيش وٽ ڪوئي جواب نہ هو.

”ايڪ ڪام ڪرو، نوڪري ڇوڙ دو، باپو بوڙهي هو چلي هئين اُن ڪي سات کيت ۾ ڪام ڪرو. پر پيٽ ڪلاني ڪا واعدا ڪرتي هون. شادي ڪروگي تو بيبي بچون ڪا پيٽ پرني لائق اَن هوگا تُمهاري پاس.“

ٻُڌي ستيش سنيتا جو منهن تڪڻ لڳو. ڪتي تہ هوُ سندس کيت خريد ڪرڻ آيو هو. ڪتي سُنيتا کيس ئي خريدڻ جي پيشڪش ڪري رهي هئي! هوُ سوچڻ لڳو، ڪاش! سنيتا جي ڳالهہ مڃڻ جي حالت ۾ هجي ها. سنيتا ٽوڪيس، ”چُپ ڪيون هو؟ بولتي ڪيون نهين!“

ستيش محڪم اِرادي سان چيس، ”مئن واعدا ڪرتا هون، آپڪا گهر اؤر کيت ڪوئي نهين ڇينيگا.“

”ڪهہ تو ائسي رهي هو جئسي سيٺ ڪي نوڪر نهين بيٽي هو.“

سيٺ ڪا بيٽا نهين، اُن ڪي بيٽي ڪا متر هون، وهہ ميري بات نهين ٽاليگا.“

”پهہ باگڙ هٽ جائيگي؟“

”يهان ڪا ڪام مئن ديکہ رها هون، باگڙ ڪل هي هٽ جائيگي، آپڪي پتا جي نهين دکہ رهي هئن؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”وي ضروري ڪام سي شهر ڳئي هئن شام تڪ لؤٽ آئينگي.“

”باهر ڪئسي ڳئي، پيڇي ڪي طرف باڳڙ اُڪاڙ ڪر نڪل ڳئي، شام تڪ ڀوکي پياسي رهينگي؟“

”مئني روٽي پوٽلي ۾ باند دي ٿي، جب ڀوڪ لڳيگي کا لينگي، شهر ۾ پيني کا پاڻي تو مِل هي جاتا هوگا. مئن تو ڀول هي ڳئي ٿي آپڪو ڀوک لڳي هوگي. اپي لاتي هو ڀوجن پروسڪي.“

سنيتا اندر ويئي. هڪ صندلي ڪڍي آئي. پاڻيءَ جو لوٽو ڀري آئي. ٿالهيءَ ۾ روٽيءَ ڪٽوريءَ ۾ دال پروسي آئي. هڪ بصر ڀڃي، پاڻي ڪڍي ٿورو لوڻ ٻُرڪي آئي. انبڙيءَ جي ڪتاڻ جون ٻه ٽي ڦاڪون رکي آئي. ٿالهي اچي صندليءَ تي رکيائين.

ستيش پُڇيس، ”اؤر تُمهاري ليئي؟“

”مئن باد ۾ کا لُونگي.“

ستيش هٿ پڪڙي سامهون ويهاريس. وري سندس نگاهون سنيتا جي چهري تي ٽڪي ويون. لوٽي ۾ ڀريل پاڻيءَ سان هٿ ڌوئي رومال سان اُگهي رومال جيب ۾ رکي روٽيءَ جو ٽُڪرو ٽوڙي دال ۾ ٻوڙي گره سنيتا جي وات ۾ وڌائين. سنيتا جو روم روم خوشيءَ ۾ ٽڙي پيو. گره چٻاڙيندي سنيتا پڇيس، ”کا ڪيون نهين رهي؟“

ستيش آواز ۾ ميناج گهوليندي چيس، ”کا لونگا، پهلي آنکون ڪي پياس تو بُجها لون.“

”ستيش جي سيانو کا ڪهنا هئہ، کاني ڪي سات پينا نهين چاهيئي.“

”کاني ڪو نهين، پيني ڪو من ڪر رها هئہ.“

سنيتا ڏيٽي سان منهن ڏکي چيس، ”اب اپني نظر ٿالهي پر ٽڪائو اؤر کانا شروع ڪر دو.“

ستيش هڪ ٻيو گره ناهي سنيتا جي وات ۾ وڌو. سنيتا گهونگهٽ هٽائي پنهنجي هٿ سان ستيش کي کارائڻ لڳي. ٻئي هڪ ٻئي کي کارائڻ لڳا. خبر ئي نه پين ته ڪيئن ٻئي پريت جي ڏور ۾ ٻڌجي ويا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روٽي سماپت ڪري ستيش پُڇيس، ”گهر ۾ بابو اؤر تُمهاري الوا اؤر ڪؤن هئہ؟“

”ڪوئي نهين.“

”تيسري ڪي گنجائش هئہ نہ؟“

سنيتا شرمائجي ويئي، ڪنڌ جهڪائي ڇڏيائين.

”اب چلون؟“ ستيش اِجازت گهري.

سنيتا جو بہ اجا من نہ ڀريو هو، سو منع ڪندي چيائينس، ”ائسي چلچلاتي ڌُوپ ۾ جاني نهين دونگي. سوريہ ديوتا تِنڪ پشچم دشا ۾ چلي جائين تب چاءِ پي ڪر جانا. اَب ڀيتر چلڪر چار پائي پر پسر جائو.“

ستيش شرارت ڪندي چيس، ”اڪيلي؟“

سنيتا بي جهجهڪ چيس، ”پهلي باپو سي ميرا هاٿ مانگہ لو، سات ڦيرلي لي لو، تب اڪيلي سي دڪيلي هو جانا.“

ستيش معصوميت سان چيس، ”ڪهان آپڪي باپو ڀوسوامي ڪهان مئن ايڪ نؤڪر آدمي، مان جائينگي وو؟“

”ڪها تو سهي، نؤڪري ڇوڙ دو، ڪسان بن جائو، اؤر يهين بس جائو.“

”پهلي اپني من ۾ تو بسا لو.“

”وو تو پهلي نظر ۾ هي بسا ليئا هئہ.“

ستيش اندر وڃي کٽ تي ليٽي پيو. اکيون ٻوٽيائين. بند اکين ۾ بہ سنيتا جو ئي عڪس اُڀري تي آيس. هو سوچڻ لڳو تہ سنيتا سان شادي ٿي ويندي تہ کيت جو مسئلو خود بہ خود حل ٿي ويندو.

سنيتا موڪلائڻ وقت پُڇيس، ”آپني ميري بات ڪا جواب نهين ديئا؟“

”ڪؤن سي بات ڪا؟“

”شادي ڪي بات ڪا.“

”شادي هوگي ضرور هوگي. شادي ڪي باد زمين ڪا مسئلا اپني آپ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُلجھہ جائيگا.``

’’زمين ڪا شادي سي ڪيا لينا دينا؟``

’’ديکو جو تُمهاري بابوجي ڪا هئہ، سو تُمهارا هي هئہ نہ؟``

’’سو تو هئہ.``

’’شادي ڪي باد تُم ميري هو جائوگي نہ؟``

’’ڪوئي شڪ هئہ؟``

’’نهين هئہ، اِسي ليئي ڪهہ رها هون، تُمهاري ساٿ هي يي گهر، يي کيت يي ميرا هو جائيگا.``

سنيتا ناراض ٿيندي چيس، ’’تو اِس گهر اؤر کيت ڪي لالچ ۾ تو ميري سي شادي ڪرنا چاهتي هو؟``

’’گهاٽي ۾ نهين رهوگي، ڪمارنگر ڪي راني بن ڪر راج ڪروگي.``

’’ڪهان هئہ ڪمار نگر؟``

’’يي جو سؤ ايڪڙ ڪي وشال يومي پڙي هئہ، اُس پر بسيگا. يهان، بنگلي، بهو منزلا عمارتين، دڪان، آفيس، باغ بغيچي، اسڪول، ڪاليج، کيل مئدان، اِسپتال سيي ڪڇ هوگا.``

’’تُم تو نوڪر هو نہ؟``

’’تُمهاري باتون سي سڪپڪا گيا ٿا، جوُٺ بولا ٿا تمسي، مئن اِس وشال يوُکنڊ ڪي مالڪ ڪا بڑا بيٽا هون.``

’’تب تو هو چُڪي هماري شادي، وو ظالم هماري شادي ڪيي نهين هوني ديگا.``

’’وو ظالم نهين ميري پتا هئن، مان جائينگي.``

’’ڦر يي مُجهي اب يي شادي منظور نهين هئہ، مُجهي نهين بننا ڪمارنگر کي راني، مُجهي اَپنا جهوپڑا اؤر کيت پيارا هئہ.``

ستيش سنيتا جو هٿ پڪڙي چيو- ’’آج مئن تُمهي دو وچن ديتا هون، پهلا، يي کيت يي گهر سدا تم لوگون ڪا هي رهيگا، دوسرا اگر ميري شادي تُم سي نهين هئي تو آجيون ڪنوارا رهونگا.``



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنيتا ستيش جي سيني ۾ منهن لڪائي چيو- ”مئن تو تُمهين من هي من ۾ ور مان چُڪي هون، ميري لاج اَب تُمهاري هاٿ ۾ هئہ.“

ستيش سندس مٿي تي هٿ ڦيري چيو- ”تُم ميري پراٽيشوري هو. تُمهاري بنا مئن نشپراڻ رهونگا.“

سنيتا ستيش سان لپٽي ويئي. ستيش ڪيس ٻانهن ۾ ڀري چُميو، پوءِ الڳہ ٿيندي چيائين، ”اب دُکہ سُکہ هماري ساجهي هئن. اب تو ايڪ پل ڪي جُدائي بہ من ڪو ڪچوٽيگي. ڪل سي ڪئسي مل پائينگي هم دونو؟“

سنيتا چيس، ”سانجهہ ڊلي آئوگي تو مل پائينگي. اُس سميہ باپو پاس والي گانو ۾ شو مندر جاتي هئن، آرتي ڪي ٻاد لوٽتي هئن، آني جاني ۾ اُنڪو دو گهنٽي لڳہ جاتي هئن.“

”يي ٺيڪ رهيگا.“ ستيش واچ ڏٺي، شام جا چار لڳا هئا. سنيتا کان موڪلائي ستيش ٻاهر نڪري ويو. سنيتا ڪوهہ تائين ساڻ آيس. هوءَ تيستائين ڪيس نهاريندي رهي، جيستائين ستيش نظر کان اوجهل نہ ٿيو.

ستيش گهر پهچي سڌو پيءُ وٽ ويو. وجيہ پڇيس، ”اچڻ ۾ ايتري دير ڇو ڪيئہ؟“

ستيش چيس، ”آءٌ فقط اسپاٽ تي ئي نہ ويو هوس، آسپاس جي لوڪيشن جو جائزو پڻ وٺي آيو آهيان. ڊيولپمينٽ کي ڪمارنگر تائين پهچڻ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ سال لڳندا. هاڻي ڪنسٽرڪشن شروع ڪرائڻ جو مطلب ٿيندو پونجي اٽڪائڻ. ڪوئي خريدار نہ ملندو. ١٠ سالن ۾ زمين جا اگهہ آسمان تي پهچي ويندا. اُن وقت سنو فائدو ٿيندو. ڪسان ڏکئي سياءُ جوءِ جذباتي شخص آهي. بُزرگہ اِنسان آهي. پُٽيان فقط هڪ ڌيءُ اٿس. هوءَ ڇوڪري تہ ڪيتي ڪرڻ کان رهي، اگر شادي ٿي ويس تہ اڳي پوءِ ملڪيت ڪسان جي ناتيءَ وٽ ايندي. اُن کان خريد ڪرڻ سوَلي ڳالهہ ٿيندي. اسان وٽ ١٠ سال وقت آهي تہ پوءِ تڪڙ ڇو ڪريون؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِن پريوار سان تعلقات مٺ محبت وارا هجن، ڪوئي وير ونجوڳ نہ هجي اِن ڪري آءٌ سندن لنگهہ ڪولي آيو آهيان.''

''پُٽ، اِهو تو ڏاڍو سنو ڪم ڪيو، هاڻي آءٌ تنهنجو ڀروسو ڪري سگهان ٿو.''

'توهان بيفڪر ٿي بامبي وڃو. ڏاڏيءَ صاحب کي بہ وٺي وڃو. مميءَ ۽ سنيل جو ڌيان رکندي توهان فري ٿي ويندا.''

''نيڪ ٿو چئين، اسين سياڻي ئي روانا ٿي وينداسين. تون ٽڪيٽون گهراءِ.''

''آءٌ ايجنٽ کي فون ڪري ٽڪيٽون گُهرائي ٿو وٺان.''

ٻئي ڏينهن اجيڪمار شاردا، سنيل ۽ رتنا بامبي روانا ٿي ويا. ستيش کين ايئرپورٽ تي وڃي روانو ڪري آين. گهر اچي ستيش ڀاڳچند بابوءَ کي گهر اچڻ لاءِ فون ڪئي. اڌ ڪلاڪ ۾ ڀاڳچند اچي حاضر ٿيو. ستيش پاڻ سان گڏ ويهاري نيرن ڪارايس. پوءِ کيس بئنڪ وٺي ويو. الڳ-الڳ سائيٽ تي هلندڙ ڪم جي جاچ ورتائينس. ڪهڙيءَ سائيٽ تي ڪهڙو مئنيجر، ڪهڙو بابو ڪم ڏسي رهيو آهي، سا سموري جاڻ ورتائينس. پوءِ ڪمارنگر جي پروجيڪٽ جو نقشو ڦهلائي، سڄي پلاٽ تي فنيسنگ جي جڳهہ تي بائونڊري وال ٺهرائڻ لاءِ چيائينس. سنيتا جي گهر پرسان نقشي تي ڳاڙهو نشان لڳائي اُتي پڪي آفيس، آفيس سان لڳ هڪ لئونگ روم اٽئچ وٿ ليٽ باٿ، لڳولڳ هڪ پينٽري ٺهرائڻ لاءِ چيائينس. روڊ سائيڊ تي هڪ وڏو گيٽ، گيٽ اندر گارڊ ڪئبن، پرسان ئي گارڊ جي فئمليءَ لاءِ ڪوارٽر ٺهرائڻ لاءِ چيائينس. آفيس کان روڊ تائين پڪو روڊ ٺهرائڻ لاءِ چيائينس. ڪجهہ ليبر ساڻ وٺي اچ ئي ڪسان جي گهر ٻاهران لڳل فنيسنگ پوريءَ طرح هٽائڻ لاءِ چيائينس. سڀ ڪم سمجهائي ڀاڳچند کي رخصت ڪيائين. پنهنجي لاءِ ٽفن تيار ڪرائي واٽر بئگ ڀرائي جيپ ۾ رکائي روانو ٿي ويو. هڪ هڪ سائيٽ جي وزٽ ڪري، هلندڙ ڪم تي نظرثاني ڪندي شام جو مقرر وقت تي سُنيتا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنيتا وات تي هٿ رکي ڇيس- ”اهڙي ڳالهه مت ڪيو نه، ڊپ لڳتا هئه. هي جو پيار ڀري لمحي مل رهيا هئن، آنکي سميٽو، سنڄويو، اگر جدائي هئي ته، يادن جي سهاري زندگي گذار ڏينگي.“

”سنيتا، آءٌ به ڏاڍو مور ڪه آهيان، سياڻي جي ڳالهه سياڻي تي ڇڏ، اڄ ته ڪوئي پيار ڀريو نغمو ڇيڙ جو ٻڌي خمار ڇانئجي وڃي.“

سنيتا ڳائڻ شروع ڪيو- ”ڪوئي ميري دل ۾ خوشي بن ڪي آيا.... انڌيرا ٿا گهر، روشني بن ڪي آيا، سمايا ٿا جو دل ۾ اِڪ درد بن ڪر، هو هو هو هو... وو هونٺون پي ميري هنسي بن ڪي ڇايا.... ڪوئي ميري....“

سنيتا ڳائيندي رهي. ستيش مدهوش ٿيندو رهيو.

سنيتا نچڻ ڳائڻ ۾ مگن هئي، تڏهن ستيش هڪ سايعي کي پريان کان ايندو ڏٺو. هوُ وڻ جي اوٽ ۾ ٿي ويو. هن سنيتا کي خبردار ڪيو. هوءَ ڏڪيون ڏڪيون وکون کڻندي گهر طرف هلي ويئي. رامسنگهه اُتان اڳتي وڌي ويو. ستيش گهر جو رخ ڪيو.

گهر پهتو ته سريش کي بدحال ڏٺائين. پڇيائينس، ”اڄ وري ڪنهن کي ٺوڪي آيو آهين ڇا؟“

سريش ڪيفيت ڏيندي چيو- ”ڪجهه نه ادا! هڪ ڇوڪري جي بدتميزي برداشت نه ٿي ته مرمت ڪري ڇڏيمانس.“

”تون اِسڪول ويندو آهين يا آکاڙي؟“

”ياءُ خون ۾ گرمي آهي، ڪڏهن ڪڏهن هٿن جي خارش متاثٽي پوندي آهي.“

”ڪير روڪيندو ٽوڪيندو نه اٿئي؟“

”اسٽوڊنٽس ۾ ڪنهن جي همت ٿيندي ناهي، ٽيچرس، پرنسيپال تائين ڳالهه پهچندي ناهي، ڪير روڪيندو؟“

”آءٌ ته روڪيانءِ، هيءَ باراٽي ڇڏ يا پڙهائي ڇڏ، جلد ئي وڏي ذميواري سنڀالڻي اٿئي.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ادا! توهان جي هوندي مونکي ڪهڙو فڪر؟“

”ڏس، سريش ڊئڊي ٿڪجي چڪا آهن، مميءَ جي طبيعت ڪين پريشان ڪري ڇڏيو آهي. هيڏو وڏو ڪاروبار آءٌ اڪيلو سنڀاليندس ڇا؟“

”ساري ادا، هاڻي نو مور لقڙو، اونلي پڙهائي، هئپي؟“

”توکي اِنجنيئر بڻجڻو آهي، اُن کان پوءِ ڪم ئي ڪم آهي.“

”ڀائي صاحب، توهان جو حڪم سر اکين تي. پڙهائيءَ کان علاوه به ڪوئي ڪم هوندو ته ضرور ڪندس.“

”بامبي مان ڪوئي ڪال آيو هو؟“

”ها، ڊئڊيءَ ٻڌايائون مميءَ جو علاج شروع ٿي ويو آهي. وقت لڳندو.“

”ڇاهي جيترو وقت لڳي. ممي بلڪل نيڪ ٿي اچي. آءٌ ڊئڊيءَ سان ڳالهائيندس. اڙي ها، تنهنجو پرس ته خالي ٿي ويو هوندو؟“

”اڃا مال آهي.“

”ته به هيءُ وٺ، پرس ۾ رکي ڇڏ.“ ستيش هزار رپيا سريش کي ڏنا. ٿئنڪ يوُ ڀئيا چئي، سريش پئسا جيب جي حوالي ڪيا.

هڪ ڏينهن سنيتا ستيش کان پڇيو، ”هيئن لڪ ڇپ ڪيسين تڪ ملتي رهينگي؟ توهان ٻاپو سي بات ڪيون نهين ڪرتي؟“

ستيش چيس، ”ڊئڊي بامبي مان اچن، پهريائين اُنهن سان ڳالهايان، پوءِ تنهنجي ٻاپوءَ سان ڳالهائيندس.“

”مونکي ڊپ لڳندا هئا، ڪنهن ني ديکه ليئا ۽ چغلي کائي ته گڙٻڙ ٿي ويندي.“

”منهنجو يقين ڪر، ڪجهه نه ٿيندو.“

قدرت جهڙو ڪلنائق شايد ئي ڪوئي هوندو. قدرت کان پريمين جي خوشي برداشت نه ٿيندي آهي. ستيش ۽ سنيتا جي خوشين تي به وڄ ڪري پيئي. رامسنگهه شام جو جيئن مندر مان موٽي رهيو هو ته انڌيري ۾ رستي ۾ اُپريل هڪ پٿر نظر نه آيس. دانهن ڪري ڪِري پيو. مٿي مان خون وهڻ لڳس. رامسنگهه جي دانهن ٻڌي ۽ اُن کي ڪرندو ڏسي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ستيش ۽ سنيتا ٻئي اوڏانهن ڀڳا. ستيش سنيتا جو ڊُپٽو ڇڪي رامسنگهه جي زخم تي ٻڌي رت بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پر تہ بہ رت وهندي رهي. ستيش رامسنگهه کي ڪُلهي تي کڻي جيپ طرف تڪڙو تڪڙو وڌڻ لڳو. بدحواس سنيتا بہ سندس پُٺيان ڀڳي. ايترو بہ هوش نہ رهيس تہ ڇاتيءَ تي آنچل نہ هيس، گهر بہ کُليل ڇڏي آئي هئي. جيپ وٽ پهچي ستيش پُٺئين پاسي سنيتا کي ويهاريو. رامسنگهه کي سيٽ تي ليٽايائين، سنيتا پيءُ جو مٿو پنهنجي گود ۾ رکيو. جنهن پيءُ جي گود ۾ ٻچپن گذاريو هئائين، سو اڄ سندس گود ۾ بيسُڌ پيو هو.

ستيش جيپ ۾ ڊاڪٽر ڪنا نرسنگهہ هوم پهتو. ڊاڪٽر کي اطلاع ڪيائين. بہ وارڊ بواءِ فورن اِسٽريچر کڻي آيا. رامسنگهه کي اِسٽريچر تي ليٽائي آپريشن ٿئيٽر ۾ وني ويا. ڊاڪٽر ڪنا رامسنگهه جي نبض تپاسي دل جي ڌڙڪن جاچي چيو- ساري ينگہ مئن، هي از نو مور. سنيتا رامسنگهه جي لاش سان لپٽي زار زار روئڻ لڳي. ستيش مٿي تي هٿ ڦيري چيس- ”هيءُ وقت روئڻ جو ناهي، همٿ کان ڪم وٺ.“

ستيش رِسپشن مان ڀاڳچند کي فون لڳائي سندس گهران ستيش جا ڪپڙا ۽ ٻيو ضروري سامان ۽ هڪ پٽروميڪس جو اِنتظام ڪري فورن رامسنگهه جي جهوپڙيءَ ۾ پهچڻ لاءِ چيائينس. پاڻ رامسنگهه جو لاش کڻي سنيتا سميت واپس سندس گهر روانو ٿي ويو.

سنيتا پيءُ جي مٿي پرسان هڪ ڏيئو ٻاري رکيو. اُن جي پرسان ويهي هنجون هاريندي رهي. ستيش سندس پرسان ويهي مٿي ۽ پُٺيءَ تي هٿ ڦيريندو رهيس.

ڀاڳچند گهربل سامان سميت پهچي ويو. ستيش ٻئي ڏينهن تي رامسنگهه جي انتم ڪريا جو گهربل سامان وني صبوح جو جلد پهچڻ لاءِ چيس.

اڳلي ڏينهن ليبر ۽ ڀاڳچند جي مدد سان رامسنگهه جو انتم سنسڪار ڪيو ويو. ڪم تن ڏينهن لاءِ بند رکڻ جو اعلان ڪيو ويو. هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عؤرت چميلي جيڪا اڪيلي هئي اُن کي روڪي باقي سيني کي موڪل ڏني ويئي. ستيش ياڳچند کي گهر وڃي سنان ڪري ڪائي پي تن ڇٽن جو ٽفن ڪٽي اچڻ لاءِ چيو. ياڳچند جي وڃڻ ڪانپوءِ ستيش هڪ طرف وڃي ويهي رهيو. چميليءَ خود به سنان ڪيو ۽ سنيتا کي به ڪرايائين. ستيش به کوهه تي سنان ڪري ڪپڙا بدلايا.

ڏُک ڪيترو به هجي. اِنسان کان بُکَ اُڄ برداشت نه ٿيندي آهي. چميليءَ چانهه ٺاهي. زور ڀري سنيتا کي پيئڻ لاءِ ڏنائين. ستيش کي به ڏنائين، خود به پيئڻ لڳي.

چانهه پي ستيش سنيتا کان پڇيو، ”ڪوئي ويجهو يا ڏورانهون مائٽ آهي، جنهن کي خبر ڪجي؟“

سنيتا چيس، ”ويجهو ڪوئي نڪو، ڏورانهين کي دور ٿي رهني دو. آڪر جيڪو سو پريشان ٿي ڪندا. جيڪي ڪرنو هئه آپني هي ڪرنو آهي.“

منجهند جو ياڳچند ٽفن ڪٽي آيو. ٿنهي روٽي ڪاڌي. ستيش سنيتا کي چيو- ”چميلي اِتي اَٿئي، هاڻي هوءَ توسان گڏ ٿي رهندي. مان هاڻي هلان ٿو. شام جو وري چڪر لڳائي ويندس.“

ستيش ڊرائيور کي جيپ کوهه وٽ آڻي صاف ڪرڻ لاءِ چيو ۽ ڪجهه پئسا ڏيئي چيائينس، ”رکه، ضرورت پئجي سگهئي تي، هِني به ڪوئي سامان کپين ته آڻي ڏجان.“

ياڳچند ستيش سان گڏ ڪار ۾ اڱيان وينو هو، هڪندي ستيش کي چيائين، ”هڪ ڳالهه پُڇانوَ؟ توهان هن جهميليءَ ۾ ڇا لاءِ پيا آهيو؟“

ستيش چيس، ”پنهنجي مطلب لاءِ، ڊئڊيءَ جو حڪم آ، فوتيءَ جي زمين هر قيمت تي گهرجي. رامسنگهه هاڻي رهيو نه، هاڻي جيڪي ڪجهه آهي، ڊيٽس جو آهي. اُن جي مدد ڪري، اُن جو وشواس جيتي پنهنجو مطلب پورو ڪرڻو آهي.“

ياڳچند من ۾ سوچڻ لڳو، ”هي امير ماڻهو به ڪيترا نه چالو چيز


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيندا آهن.“

رامسنگهہ جي پڳڙي رسم ٿي ويئي. سندس هانيون هوشنگاباد ۾ نرمدا نديءَ ۾ پرواڻ ڪيون ويون. ان سڀ کان فارغ ٿي هڪ ڏينهن ستيش هڪ ڪاغذ سنيتا جي اڳيان رکي چيو، ”هن تي صحيح ڪر.“

سنيتا پڇيس، ”ڇاهي هن ۾؟“

ستيش چيس، ”باپوءَ جي زمين جائداد تنهنجي نالي ڪرڻ جي درخواست آهي.“

ستيش جو سندس پيءُ کي باپو چوڻ سنيتا کي سٺو لڳو. چيائينس، ”منهنجو جيڪي هئہ سو توهان جو ئي تو هئہ. توهان پنهنجي نام ڪرائو.“

ستيش چيس، ”آءٌ سرڳواسيءَ سان ڪوئي ڪپٽ ڪرڻ نٿو چاهيان. زمين جائداد تنهنجي ئي نالي ٿيندي.“

سنتيا ستيش جي ڇاتيءَ ۾ منهن لڪائي سُڏڪا ڀرڻ لڳي. ستيش پيار سان مٿي تي هٿ ڦيري ڏيرج ڏنس.

ستيش ڳانوَ جي پٽواريءَ کي رڪارڊ سميت تحصيلدار جي آفيس ۾ وٺي ويو. درخواست ڏيئي. تحصيلدار کان آرڊر ڪرائي پٽواري رڪارڊ ۾ درستي ڪرائي نقل ۽ سنيتا جي نالي وهي ورتي. هڪ بند لفافو تحصيلدار کي ڏنائين. ۵۰۰ رپيا پٽواريءَ کي بہ ڏنائين.

شام جو آفيس ۾ ويهي ستيش سنيتا جي زمين جو پلان ۽ نقشو تيار ڪيو. جهوپڙيءَ جي جڳهہ تي هڪ ننڍو شاندار بنگلو. باقي سڄي کيت ۾ شاندار ڦلدار باغيچو، باغيچي ۾ لائيٽنگہ ڦوهارو. بنگلي جي اڳڻ ۾ رامسنگهہ جو پُتلو. بنگلي اندر ئي هڪ ننڍو مندر.

ستيش سنيتا جي لاءِ اريرا ڪالونيءَ ۾ هڪ فليٽ ورتو. جتي هوءَ بنگلو تيار ٿيڻ تائين رهڻ واري هئي. فليٽ کي پوريءَ طرح رهڻ لائق بڻائي، ضروري فرنيچر ۽ ساز سامان ميسر ڪري هن سڄي اِسڪيم سنيتا کي ٻڌائي. سنيتا جي منظوري ملڻ تي ستيش سڄو پروجيڪٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنيتا کي چيو، بيتي، سهاڳڻ کو سدا مانگ ۾ سندور ڀرنا چاهيئي. پوڄا جي سامگريءَ مان سندور جي پُڙي ڪڍي سنيتا کي ڏنائين. سنيتا سندور جي پُڙي هٿ تي رکي هٿ ستيش ڏي وڌايو. ستيش پُڙيءَ مان سندور چپٽي کڻي سنيتا جي مانگ ڀري. اڻڄاڻائيءَ ۾ ٻئي هڪ اڻٽوٽ بندڻ ۾ ٻڌجي ويا.

هون پورو ٿيو. پروهت اُٿي ٻنهين تي گُلن جي ورکا ڪندي آسيس جا وچن چيا. ٻنهين کي هڪ هڪ مالها ڏنائين. ٻنهين هڪ ٻئي کي مالها پاتي. ٻنهين جُهڪي پروهت جا چرن ڇُهيا. پروهت پنهنجو سامان سميٽيو. ستيش پروهت کي پرساد منائيءَ جو پئڪيٽ ۽ دکشڻا ڏني. ڪيس ناشتو ڪاڻڻ لاءِ عرض ڪيائون. پروهت فقط کير پيئڻ جي اِڇا ظاهر ڪئي. سنيتا رنڌڻي ۾ وڃي کير گرم ڪري گلاس ڀري کڻي آئي. پروهت کير پِي، ٻنهين کي آشيرواد ڏئي روانو ٿي ويو.

سُنيتا در بند ڪري ستيش جو هٿ پڪڙي کيس اڳيان ڪري هون جي اگنيءَ جي چوڌاري ڦيرا لڳايا. ڦيرا پورا ڪري سنيتا جُهڪي ستيش کي پيري پوڻ لڳي. ستيش سندس ٻانهن پڪڙي اُٿاري سيني سان لڳائي چيس، ”تنهنجي جڳهه منهنجي قدمن ۾ نه، منهنجي دل ۾ آهي.“

ٻنهي گڏجي بزار مان آندل ناشتو کاڌو. سنيتا چانهه ٺاهي کڻي آئي. ٻنهين چانهه پيتي. ستيش موڪلائڻ لڳس. سنتيا چيس، ”اڄ ڪاڏي وڃڻ نه ڏيندي سانءِ. اڄ آءٌ پنهنجن هٿن سان روٽي ٺاهي کارائيندي سانءِ.“

ستيش سمجهايس، ”ڪم سڄو مونکي ئي ته ڏسڻو پوي، وڃڻو ئي پوندو.“ سنيتا رات جو اچڻ جو واعدو وٺي وڃڻ ڏنس.

شام تائين ستيش ڪم جو جائزو ورتو. گهر وڃي بريفڪيس ۾ ضروري سامان رکيائين رسوئي کي رات جي روٽي منع ڪيائين ۽ چيائينس، ”رات جو شايد آءٌ نه موٽان، سريش کي ڇڄانءِ گهر ۾ ئي رهي.“ ستيش گهران نڪري صرافي وٽ ويو. سُنيتا جي لاءِ نيڪليس ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجهه ٻيا زيور خريد ڪري سنيتا وٽ پهتو. سنيتا در ۾ اکيون پائي، انتظار ۾ ويٺي هئي. ستيش جي اندر گهرندي ئي دروازو بند ڪري ڇُنبڙي پيس. ستيش کيس ٻانهن ۾ کڻي اچي هڪ ڪرسيءَ تي ويهاريو. جيب مان هار ۽ ٻيا زيور ڪڍي سنيتا کي ڏنائين. سنيتا ڏسي چيس، ”اِن کان ته هڪ منگل سوٽر آڻيو ها.“

ستيش چيس، ”منگل سوٽر به آڻيندس، اُهو وقت ته اچڻ ڏي.“ سنيتا حيرت مان پُڇيس، ”اجا اِهو وقت ڪڏهن ايندو؟ جاني انجاني پنڊت جي اسان کي وواهه سوٽر ۾ ٻانڌ ڪي تو ڳئي. اگني کو شاڪشي جاڻي ڦيرا به پاتاسين، ٻيو اجا شادي ڪيئن ٿيندي آهي؟“

”نيڪ آ بابا، آءٌ قبول ٿو ڪريان، اسان جي شادي ٿي ويئي، مگر وڏن جي منظوري به ته وٺڻي پوندي نه؟“

”هاڻي وڏن جي منظوري ڪائي معنيٰ نٿي رکي، اگر هو منظوري نه ڏين ته ڇا اسين ٻئي پتي پتني نه رهنداسين؟“

ستيش جواب ڏيڻ بجاءِ، پنهنجا چپ سنيتا جي چپن تي رکي سنيتا جو وات بند ڪيائين.

سنيتا ڊنر تيار ڪيو، ٻنهين يوڄن گڏجي کاڌو. سنيتا برتن صاف ڪري رنڌڻو سميٽي، ڪمري ۾ کير جو گلاس ڍڪي رکي آئي. پاڻيءَ جو جڳ ۽ گلاس پڻ رکي آئي. پوءِ ستيش جو هٿ پڪڙي، ڪمري ۾ وٺي ويس. ڪمرو تازن گُلن جي خوشبوءِ سان مهڪي رهيو هو. سيج تي گلاب ۽ رابيل جا گُل پکڙيا پيا هئا.

سنيتا اکين ۾ پيار ۽ خماري ڀري چيس، ”آج اڪيلي نه سمهڻو پوندو، اج دڪيلي ٿي ويندا.“ ستيش ٻانهن ۾ ڀري سيج تي ويهارس.

ٻاهران هوا ۾ ترندو هڪ ترانو گونجي رهيو هو- ”هو... هو... مڌر ملن هئه سڄنا هو مڌر ملن هئه.“ رات جي سناٽي ۾ به جسم هڪ جان بڻجي ويا. ٻن آتمائن جو ملن ٿي ويو.

به مهنا شاردا جو علاج هليو. ١٥ ڏينهن پيڪن ۾ گذاريائين. ادائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهنن ڪانپوءِ چار ئي ٻيو پال گهر موٽي آيا. رتنا جو ننڊڙي سُنيل ۾ موهه پئجي ويو. هوءَ هاڻي بامبي ۾ اڪيلي رهڻ کان ڪيٻائڻ لڳي. سُنيل به ڏاڏيءَ سان هري مري ويو هو.

وجيه ڪمر جي نظر ثاني ڪئي. سڀ ڪجهه ٺيڪ هلي رهيو هو. ڪسان جي ڪيت جي باري ۾ ٽيندڙ اڏاوت جي باري ۾ دريافت ڪرڻ تي پاڳچند ٻُڌايس ته سڀ ڪجهه ستيش بابوءَ جي سوچيل اِسڪيم موجب ٿي رهيو آهي. هڪ ته هتان جهوپڙي هٽي ويئي، اُن جي جڳهه تي هڪ ننڍو بنگلو ٺهندو. ڪيت جي جڳهه تي شاندار باغيچو. سڄو ڪم ٿي وڃڻ ڪانپوءِ ماڻهن جو ڌيان هن طرف ويندو. ڪمارنگر جي پروجيڪٽ بابت پڇا ڳاڇا شروع ٿي ويندي، اُن حساب سان ڪم هٿ ۾ ڪٽبو. وجيه ڪمار کي ستيش جي سمجهه ۽ دورانديشيءَ تي فخر ٿيڻ لڳو.

ستيش جو اِنجنيئرنگ جي پڙهائيءَ جو آخري سال هو. وجيه جي اچڻ ڪانپوءِ ڪاليج وڃڻ شروع ڪيائين. ڪم ۾ به وجيه ڪمار جي مدد ڪرڻ لڳو. سريش پڙهائيءَ سان گڏ گهر جا ڪم پڻ ڪرڻ لڳو هو. سڀ ڪجهه ٺيڪ هلي رهيو هو.

آرتوار جو ڏينهن هو، ستيش فرصت ۾ هو. اڄ هن طيءِ ڪيو ته پيءُ سان پنهنجي ۽ سنيتا جي رشتي جي باري ۾ ذڪر ڪري منظوري وٺندو. اِهو سوچي هوُ بئنڪ طرف وڃڻ لڳو. وجيه ڪمار بئنڪ ۾ هو. هوُ بئنڪ جي دروازي ڀر سان پهتو ته ڪنن ۾ آواز پيس، وجيڪمار ڪنهن سان کُهري نموني ڳالهائي رهيو هو. هوُ اُتي ئي رڪجي ويو. اندران آواز اچي رهيو هئو. ”تون ستيش لاءِ ڇا سوچي هوٽل وارن جو رشتو ڪٽي آيو آهين؟ هوندا ڪروڙپتي، اربپتي، ڪلهه تائين سندن اوقات ڇا هئي؟ سندن خاندان جو ڪوئي اَتو پتو آهي؟ ستيش جو رشتو اُن گهر ۾ ڪندس جيڪي پشتيني خانداني هجن. ڌن جا ئي نه، دل جا به رئيس هجن، ڪنهن جهڙي تهڙي گهر ۾ ستيش جو رشتو هرگز نه ڪندس.“

پيءُ جي سامهون وڃڻ جي ستيش جي همت نه ٿي. پويان پير



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري موٽ ڪاڏائين. پنهنجي ڪمري ۾ وڃي دروازو بند ڪري ڪرسيءَ تي ويهي گهري سوچ ۾ پئجي ويو. ڇا ٿيندو هاڻي؟ رشتي کي ڪيستائين لڪائي رکندو؟ فلحال رشتي کي لڪائي رکڻ کانسواءِ ٻيو ڪوئي چارو نه هو.

ڪجهه ئي وقت ۾ ستيش لاءِ منپسند رشتو آيو. وجيڪمار کي رشتو پسند هو. ستيش جو ويچار ڄاڻڻ لاءِ سڏ ڪرايائينس. ڄاڻي ستيش جي حالت خراب ٿي ويئي. ها ڪري نٿي سگهيو، نه ڪرڻ جي گنجائش نه هيس. وجيڪمار جيئن ئي رشتي جي ڳالهه ڪڍيس تيئن ئي ستيش محڪم اِرادي سان چيس: ”ڏئڏي، جيستائين توهانجو ڪمار نگر جو سپنو ساڪار نه ٿيو آهي، آءٌ شاديءَ جي باري ۾ سوچي به نٿو سگهان.“

وجيه زور پرينديءَ چيس، ”سپني جو ڇاهي، اڄ نه سڀاڻي پورو ٿيندو. اِن سان شاديءَ جو ڪهڙو تعلق؟“

”ڏئڏي مون پرتگيا ڪئي آهي، جيسين توهان جو سپنو ساڪار نه ڪيو آهي، گرهست جي سُک کان دور رهندس. آءٌ هرگز پرتگيا توڙي نٿو سگهان.“

ستيش جو جواب ٻڌي وجيڪمار نراش ٿي ويو. خبر هيس ستيش خانداني ٻچو آهي، نسن ۾ راجائي خاندان جو خون اٿس. هر حالت ۾ پنهنجي اِرادي تي اٽل رهندو. من ۾ ڪامنا ڪرڻ لڳو ته ڪمارنگر جلد آباد ٿي وڃي.

ستيش سنيتا جي بئنڪ اڪائونٽ ۾ وڏي رقم رکائي. شام جو سنيتا وٽ وڃي پنهنجي پرتگيا جي باري ۾ ٻڌايائينس، پنهنجي مجبوري به ٻڌايائينس. اگر پرتگيا نه ڪري ها ته شاديءَ لاءِ ها ڪري ٿي پويس ها ۽ بيوفا بڻجڻو پويس ها. ستيش چيس، ”هيءَ اسان جي آخري مُلاقات آهي، ڪجهه دير بعد آءٌ هليو ويندس. وري خبر نه آهي ڪڏهن ملڻ ٿئي يا نه ٿئي. ڀلي جدائي سهڻي پوندي ليڪن اسان جي شاديءَ پريت قائم رهندي. بنگلو تيار ٿي وڃڻ تي، اُتي وڃي رهجانءِ. هيءُ فليٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ياڙي تي ڏيئي ڇڏجانءِ. ڪجهہ پاڙو، ڪجهہ باغ جي ڦلن جي آمدني، ڏکيو سُکيو گذر ٿيندو رهندءِ. هاڻي آءٌ هلان ٿو.''

سنيتا چيس، ''هڪ ڳالهہ منهنجي بہ ٻُڌندا وڃجو. آءٌ توهان جي پتني آهيان، ڪمار خاندان جي نُنهن. پنهنجي پرتگيا تي اڏول رهجو. ڪمزور ٿي مونکي لاچارو نہ ڪجو. هڪوار وڃڻ ڪانپوءِ مُڙي نہ نهارجو.''

ستيش مُڙي ٻاهر نڪري ويو. سنيتا خاموش لُڙڪ ڳاڙيندي رهي.

وقت گذرندو رهيو. رتنا بہ راهہ رباني ٿي ويئي. شاردا جي طبيعت نرم گرم رهندي آئي، سريش جي شادي ٿي ويئي. هوُ ڪيم ڏانهن گنڀير ٿي ويو. ليڪن موَج مستيءَ جو عالم جاري رهيس. هاڻي هو ٻن نشن جو عادي بڻجي ويو. پهريون نشو هوس خوبصورت زال سيما جو، ٻيو روز شام جو ڪلب ۾ وڃي يارن دوستن سان گڏجي شراب پيئندو هو.

ڪمار انجنيئرس ۽ ڊيولپرس جو بورڊ اونڇو ٿيندو ويو. وجيہ ڪم تي گهٽ ئي ڌيان ڏيندو هو. ڪمارنگر جي آباد ٿيڻ جا آثار گهٽ ٿي نظر آيا. وجيہ نااُميد ٿيڻ لڳو. ستيش پيءُ جي منوبل کي ڪمزور ٿيڻ ڏيڻ نٿي چاهيو.

ستيش هڪ ٻي اِسڪيم سوچي ورتي. زمين جي آخري ڇوڙ جي پٺئين طرف هڪ وڏي پلاٽ تي ٽيڪچپور جي طرز تي هڪ وڏو تلاءُ تيار ڪرايو. برسات جو پاڻي روڪي تلاءُ ڀرائڻ لڳو. پاڻيءَ جي روڪ لاءِ تلاءُ جي چوڌاري پال ٻڌايائين. پاڻيءَ جي آوڪ جو فقط رستو کُليل رکيائين.

تلاءُ جي ڀرسان وڏو باغيچو، واٽر پارڪ، سوئمنگ پول ۽ هڪ جم تيار ڪرايائين. اُتي هڪ سنو پڪنڪ اسپاٽ بڻجي ويو. روز ماڻهو تفريح لاءِ وڃڻ لڳا، آرتوار ۽ موڪل جي ڏينهن تي هجوم ماڻهن جا وڃڻ لڳا. پيڙ جي اچ-وڃ سان گڏ آمدني بہ ٿيڻ لڳي. جلد ئي هڪ شاندار ريسٽارنٽ بہ شروع ٿي ويو.

هاڻي بروڪرس ۽ اِنويسٽرس جو ڌيان ڪمار نگر طرف ويو. ڪيترن وڏا پلاٽ بوڪ ڪرايا. وينر جو دهلي بامبي جا وڏا بلڊر يوپال آيا تہ اُنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سستي زمين هوشنگاباد روڊ تي ڪمار نگر جي پلاٽ ڪان بہ اڳيرو ملڻ لڳي تہ بہ وڪندا ويا. ڪمارنگر جي پلاٽن جي اڳهہ ۾ ڏوم اچي ويئي. هاڻي وقت اچي ويو هو پروجيڪٽ شروع ڪرڻ جو.

هڪ ڏينهن طيءِ ڪري ڪارڊ ڇپائي، پوڄي پوڄن ۽ لنچ جو پروگرام رکيائين. انويسٽرس، بروڪرس ۽ ٻين معزز ماڻهن کي نينڊ ڏيئي گهرايائين. پوڄي پوڄن ماءُ پيءُ جي هٿان ڪرايائين. وڏو ٽينٽ لڳايو ويو هو. لنچ بہ زوردار رکي ويئي. موقعي تي ئي ڪيٽرن ماڻهن بوڪنگ ڪرائي. فرسٽ روم ۾ بنگلا، وچير ڊپليڪس ۽ آخر ۾ ملٽيز جي لاءِ جڳهہ رکي ويئي. روڊ سائيڊ سان ئي شاپنگ ڪامپليڪس، مال، ڪاليج، اسڪول، اسٽيڊيم ، اسپتال لاءِ بہ جڳهہ مقرر ڪئي ويئي. هڪ وڏو پلاٽ ڊاڪٽر ڪنا بہ بوڪ ڪرايو.

سڄي ڪمار نگر کي سيڪٽرس ۽ اسڪوئيرس ۾ ورهايو ويو. روڊ رستا سڀ ڪجهہ پرفيڪيٽ هو.

وجيڪمار بيحد خوش هو. رات جو ستيش کي چيائين، ”پُٽ هاڻي تہ سپنو ساڪار ٿيو نہ، هاڻي تون شادي ڪر.“

ستيش چيس، ”ڊئڊي اڄ اڃا شروعات تي آهي. پروجيڪٽ پورو ٿيڻ ۾ وقت لڳندو. فلحال مونکي معاف ڪريو.“

ڪيترا پلاٽ ريسيل وارن بوڪ ڪرايا هئا. اِن ڪري ڪمار نگر جو ڪم رفتار نہ پڪڙي سگهيو. ستيش بہ ڪم جي رفتار گهٽائي ڇڏي. ويٽ ائنڊ واچ واريءَ پاليسيءَ تي هلندو رهيو.

وجيہ ڪمار پنهنجي سپني جي جهلڪ تہ ڏٺي مگر سپنو ساڪار ٿيندو نہ ڏسي سگهيو. پهريائين شاردا موڪليو، پنيان وجيہ بہ هلندو ٿيو. هاڻي گهر گرهستيءَ جي ذميواريءَ ۽ سنيل جي پرورش جو ذمو سيما تي اچي ويو. سيما کي اڃا ٻار نہ ٿيو هو. پنهنجي ساري ممتا سنيل مٿان لٽائيندي هئي؛ سنيل ستيش کي ڊئڊي، سريش کي پاپُو ۽ سيما کي پاپي ممي سڏيندو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پنيان ويهڻ ۾ شرم ايندءِ؟“

”سوال شرم جو ناهي، تون بئلنس نہ سنڀالي سگهندينءَ.“

”ايتري بہ ڪمزور نہ آهيان.“

”تہ پوءِ هل.“

سنڌيا سائيڪل تي ويهي هوريان هوريان پيدل گُهمائڻ لڳي. سنيل جمپ ڏيئي پنين سيٽ تي وينو. سنڌيا بئلنس سنڀالي نہ سگهي، هينڊل لُڏڻ لڳس. سنيل ٽپو ڏيئي لهي ويو. سائيڪل جو اڳيون ڦيٿو پٿر سان ٽڪرايو. سائيڪل پلٽي کائڻ لڳي. سنيل سنڌيا جي ڪرڻ کان اڳہ، پنهنجين ٻانهن ۾ سنڀالي ورتس. سائيڪل هيٺ وڃي ڪري. ڪجھ تارون ٽٽي پيس، ڦيٿو ڇِبو ٿي ويس.

سنڌيا گهبرائجي سنيل سان لپٽي ويئي. ڪنواري گرم جسمن جي ڇهاءُ ٻنهين جي نسن ۾ لاوا پري ڇڏيو. سنيل سنڌيا کي پنهنجي ٻانهن جي گهيري ۾ جڪڙي ڇڏيو. پنهنجا لرزندڙ لب سنڌيا جي اڙُن جهڙن گرم چپن تي رکي ڇڏيائين. سنڌيا اکيون ٻوٽي ڇڏيون.

سنيل کي ڌيان آيو، هوُ سري راهہ هڪ ٻئي سان جڪڙيل بيٺا آهن. هن سنڌيا کي پاڻ کان پري ڪيو. اڄ سنڌيا سنيل کي بيحد خوبصورت لڳي رهي هئي. اڳي هن ڪيس ڪڏهن اِن نظر سان نہ ڏٺو هو. سنيل مٿان سنڌيا جي مادڪ ديهہ جو نشو تاري ٿيڻ لڳو.

سنڌيا پاڻ سنڀالي پڇيو، ”هاڻي؟“

سنيل جيب مان موبائيل ڪڍي، ڊيوڊ جو نمبر ڊايل ڪيو. ريسپانس ملڻ تي ڊيوڊ کي چيائين، ”منهنجي ڪار خراب ٿي ويئي آهي. تون ڪار کڻي فورن پروفيسر ڪالونيءَ جي اِسٽارٽنگ پائنٽ وٽ پهچ. رستي تان ڪنهن مڪئينڪ کي وٺي اچجانءِ.“ سنيل موبائيل آف ڪري جيب جي حوالي ڪئي. سنيل اِنتظار ڪرڻ لڳو. سنڌيا چوڻ لڳي، ”ليٽ ٿي ويندا سين.“

سنيل چيس، ”ڪائي ڳالهہ ناهي، اڄ ڪاليج جو ٺالو ڪري زندگي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو اهم فيصلو تا ڪريون.“

”ڪهڙو فيصلو؟ ڇا جو فيصلو؟؟“

”اِئين تہ ڪاليج ۾ روز ملندا هئاسين، مگر اچوڪي حادثي ٻنهين کي ايترو قريب آڻي ڇڏيو آهي جو هاڻي توکان جدائيءَ جو سوچي نٿو سگهان.“

سنڌيا گهٻراهٽ ڀري آواز ۾ چيس، ”سنيل هوا ۾ ايترو نہ اُڇال جو ڪران تہ چڪناچُور ٿي وڃان. آءٌ پنهنجي اؤقات ڄاڻان ٿي، تون جيڪي سوچي رهيو آهين، آءٌ اُن سوچ جي همت نٿي ڪري سگهان.“

”تون چڪناچُور ٿيندينءَ تہ آءٌ ڪٿي بچي سگهندس؟ تون منهنجي جان آهين. رهيو سوال حيثيت جو، تون مونکي قبول ڪندينءَ، تڏهن تہ منهنجي حيثيت رهندي نہ؟“

سنيل پنهنجي آڱر مان مُنڊي لاهي سنڌيا جي آڱر ۾ پاتي. سنڌيا نهال ٿي ويئي.

ٿوريءَ دير ڪانپوءِ ڊيوڊ مڪئنيڪ کي وٺي اُتي پهتو. ڪار مان لهي ڪار جي چابي سنيل کي ڏنائين. سنيل پنهنجي ڪار جي چابي ڊيوڊ کي ڏيندي چيو- ”هوءَ سائيڪل بہ ڊئميج ٿي ويئي آهي، اُن کي بہ نيڪ ڪرائي روشنلال جي گهر پهچائي اچجانءِ.“

سنيل سنڌيا کي اڳيان ويهاري، ڊرائيونگ سيٽ تي ويهي ڪار اِسٽارٽ ڪري بوٽ ڪلب جو رُخ ڪيو. ڪار پارڪ ڪري، هڪ ننڍي بوٽ ڇپوءَ سان هلڻ واري ڪرائي تي وٺي سنڌيا سميت بوٽ ۾ اچي وينو. سنيش ڇپوُ هلائڻ لڳو. سنڌيا سامهون ٿي ويني: بوٽ ڇيٽيءَ کان ڪافي اڳتي هلي آئي هئي. سنڌيا سنيل جي گود ۾ مٿو رکي ليٽي پيئي. شيتل هوا اکين ۾ خمار ڀري رهي هئي. سنيل ڇپوُ هلائڻ بند ڪيو. سنڌيا جو چهرو ٻنهين هٿن ۾ جهلي يڪٽڪ نهارڻ لڳو. سنڌيا اکيون ٻوٽي ڇڏيون. سنڌيا کي نهاريندي سنيل جو من ڀريو ئي نٿي. پياس وڌندي ٿي ويس. سنيل بيخوديءَ جي عالم ۾ هو.

اُن وقت آڪاش ۾ بادل ڇانئجي ويا. هلڪي هلڪي بونداباندي ٿيڻ لڳي. سنيل کي پسڻ جو هوش ئي نہ هو. ڪجهہ بوندون سنڊيا جي ڇهري تي ڪريون. هوءَ ڇرڪ ڀري اُٿي ويٺي. سنيل کي چيائين، ”واپس هل، ڀڄي ويندا سين.“

سنيل چيس، ”ڀڄڻ ڏي، سنو ٿو لڳي.“

سنڊيا چيس، ”وات کولي مٿي نهار، برسات جي بوندن سان بُڪہ پياس مٽي ويندءِ.“

سنيل کي لڳو سنڊيا کي بُکہ لڳي آهي. هن ڇپوُ سنياليو، بوٽ کي جيٽيءَ طرف هلائڻ لڳو. بوٽ مان لهي، ڪار ۾ ويهي ڪار اچي هوٽل هل ٽاپ تي اچي بيهاري. ڪار پارڪ ڪرڻ لاءِ چابي گارڊ کي ڏنائين. سنڊيا کي وٺي اي. سي. ڪوچ ريسٽارنٽ ۾ داخل ٿي هڪ خالي ٽيبل تي ٻئي آمهون سامهون رکيل ڪرسين تي وڃي ويٺا. مينو ڪارڊ سنڊيا کي ڏيئي آرڊر ڏيڻ لاءِ چيائين. سنڊيا آرڊر ڏنو. ٿوري اِنتظار کانپوءِ آرڊر سروَ ٿيو. ٻنهي ڍؤ ڪري روٽي کاڌي. ويٽر بل کڻي آيو، سنيل بل جي رقم ءِ ٽِپ پليٽ ۾ رکي، ٻئي اُٿي کڙا ٿيا. ٻاهر نڪتا تہ گارڊ ڪار اچي اڳيان بيهارين. سنيل چابي وٺي، هڪ ڏهين جو نوٽ گارڊ ڏانهن وڌايو. گارڊ سئليوٽ ڪئي. ٻئي ڪار ۾ ويهي روانا ٿيا.

سنڊيا پُڇيس، ”هاڻي؟“

سنيش چيو، ”ايم. پي. نگر، ڊئڊيءَ سان ملڻ. هن وقت آفيس ۾ هوندا.“

”نہ پليز، مونکي ڊپ ٿو لڳي.“

”ڊپ ڇو؟ منهنجا ڊئڊي ويري ٽينڊر هارٽيڊ ائنڊ لونگہ پرسن آهن.“

سنيش ڪار اچي ڪمارس جي آفيس وٽ بيهاري، ڪار پارڪ ڪري ٻئي هيٺ لٿا. آفيس ڪافي وڏي پلاٽ تي بہ منزلي نهيل هئي. ٻاهر وڏو بورڊ لڳل هو- ”ڪمار اِنجنيئرس ائنڊ ڊيولپرس.“ سنيل اڳيان وڌيو، سنڊيا پنيان هلڻ لڳس. ڏاڪڻ چڙهي فرسٽ فلور تي مٿي آيا. رشپسنٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنيل کي ڏسي اُٿي وش ڪيس، ”هلو سنيل سر.“
”هلو جولي جويل، ڊئڊي اندر آهن؟“
”ها آهن.“
سنيل بنا اِجازت وٺڻ جي ستيش جي ڪئبين ۾ گهڙيو. پنيان سنڌيا هيس. اندر گهڙي سنيل چيو، ”مي آءِ ڪمن سر؟“
ستيش فائيل تان ڌيان هٽائي سنيل کي ڏٺو. فائيل هڪ طرف رکي چيائين، ”توکي پرميشن جي ڪڏهن کان ضرورت پيئي؟“
”ڊئڊي، آءِ ايم ناٽ الون ڏُڊي.“
”يوُ آر ويل ڪم وٿ يوئر فرينڊ. اندر اچي ئي ويا آهيو تہ فارملٽيءَ جي ضرورت ناهي. ڪم بي سِٽيڊ.“
ٻنهي وڃي ستيش جا پير ڇُهيا. پوءِ اچي سامهون ڪرسين تي ويٺا. ستيش جي نظر سنڌيا جي آڱر ۾ پيل سنيل جي مُنڊيءَ تي پيئي. عجب بہ لڳس، غصو بہ آيس. سنيل کي ٽوڪيندي چيائين، ”رنگ سيريمني منائي ٿا اچو؟“
ٻُڌي سنڌيا شرم کان پاڻي پاڻي ٿي ويئي. چهرو مُرجهائجي ويس. ستيش چوڻ جاري رکيو، ”شاديءَ جي نيند ڏيڻ آيا آهيو؟ ڪڏهن ڪٿي اچڻو آ، ڪارڊ کڻي آيو آهين يا وربل انويٽيشن آ؟“
سنيل شفي ٿيندي چيس، ”ڊئڊي پليز، اهڙي ڪائي ڳالهہ ناهي، ڪمارس جي روايت آ، ڪائي شيءِ پسند اچي تہ اُن کي هر حال ۾ ۽ فورن حاصل ڪجي. سنڌيا مونکي پسند اچي ويئي. رِنگ گفٽ ڪئي اٿيمانس. باقي سڀ تہ توهان جي رضامنديءَ ۽ آشيرواد سان ئي حاصل ٿيندو نہ. آءٌ سنڌيا کي توهان سان ملائڻ لاءِ وٺي آيو آهيان. ٻئي هٿ ڏيکاري ڏسو منهنجو ڪنهن بہ آڱر ۾ رِنگ نہ آهي.“
ستيش مُسڪرائي چيس، ”برخردار ڪافي سمجهدار ٿي ويو آهين. پنهنجي گرل فرينڊ کي ڪجهہ کارايو اٿئي؟“
”ڊئڊي اسين ٻئي لنچ وٺي آيا آهيون.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شتيش اِنٽرڪام تي ٻن ڪوڪ جو آرڊر ڏنو.

سنڌيا ڏانهن مخاطب ٿيندي چيائين، ”سنڌيا بيٽي، پنهنجي واقفيت ڏي.“

”ڊئڊي، سنيل منهنجو ڪلاس فيلو آهي، ائين تہ ڪاليج ۾ روز ملاقات ٿيندي رهندي آهي ليڪن اڄ جي ملاقات گارڊ گفتيڊ هئي. منهنجي ڊئڊيءَ جو نالو روشنلال آهي. توهان جي فرم ۾ ملازم آهن.“

ٻُڌي ستيش چرڪ پريو. گهڙي سوچ ۾ پئجي ويو. ڪيس پنهنجو گذريل وقت ياد آيو. سنيتا سان ملڻ ۽ وڇڙڻ جي پوري داستان ذهن ۾ اُڀري آيس. سوچڻ لڳو، ڇا سنيل جي پيار ۾ بہ روايتون رڪاوٽ بڻبيون. نہ، اِئين هرگز ٿيڻ نہ ڏيندس. سنيل جي پيار کي پروان چڙهڻ ڏيندس. ليڪن سريش؟ سريش کي منائڻ سوَلو ڪم ناهي. سريش ضد تي اچي ويو تہ؟

ستيش کي خاموش ڏسي سنڌيا جي دل ٻُڏڻ لڳي. سوچڻ لڳي، نؤڪر جي ڌيءُ جو سڱ مالڪ جي پٽ سان ڪيئن ٿيندو؟ سنيل جذباتي آهي، ليڪن سندس وڏا تہ ان باري ۾ گنڀير ٿيندا نہ؟ ڪين سماج ۾ اُٺو ويهڻو تہ پوي. پنهنجي رُتبي جو ڌيان رکڻو تہ پوي. اڄ ناحق سنيل سان ملاقات ٿي. لڳي ٿو هيءَ پهرين ملاقات ئي آخري ملاقات بڻجي ويندي.

ستيش سنڌيا ٻئي گهري سوچ ۾ پئجي ويا. سنيل بيفڪر هو. چپراسي ٽري ۾ ٻن گلاسن ۾ ڪوڪ سروَ ڪري ويو. سنيل مزي سان ڪوڪ پيئڻ لڳو بيو گلاس سنڌيا جي هٿ ۾ ئي هو. چپن سان نہ لڳايو هئائين. ستيش جو ڌيان سنڌيا طرف ويو. ڪيس ڪوڪ پيئڻ لاءِ چيائين. سنڌيا گلاس چپن سان لڳايو. ستيش من ئي من ۾ فيصلو ڪيو چاهي ڪجهہ بہ ٿئي، سنيل جي رشتي ۾ ڪابہ رڪاوٽ اچڻ نہ ڏيندو. سنيل کي چيائين، ”سنڌيا بيٽيءَ کي گهر وٺي وڃ. سيما سان ملائي، پوءِ ڪيس گهر ڇڏي اچج.“

”ڊئڊي، اِجازت هجي تہ اڄ ڊنر ٻاهر ڪيون.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پُڇڻ جي ضرورت ناهي، يوُ آر ناٽ سمال چائيلڊ نائو.“

چپراسي اچي خالي گلاس کڻي ويو. سنيل سنڌيا به موڪلائي هلڻ لڳا. ستيش سنڌيا کي چيو- ”بيٽي پنهنجي ممي ڊئڊيءَ کي چئجانءِ، اسين هن آر تي شام جو توهان جي گهر ملڻ ايندا سين.“

”ٿئنڪيوُ ڊئڊي“ چئي ستيش سنيل سان لپٽجي ويو. ستيش پيار سان مٿي تي هٿ ڦيرڻ لڳس. سنڌيا چيس- ”سر، ڊئڊيءَ کي...“

”نو سر، ڊئڊي چئه.“

”جيَ ڊئڊي، چئي رکندس.“

ستيش چيس، ”بيٽا سنيل، سنڌيا بيٽي لکن مان هڪ آ، تنهنجي پارکي نظر کي داد ٿو ڏيان.“

”ڊئڊي، آهيان نه ڪمار نه؟“

”يس ماءِ سن.“

سنيل ۽ سنڌيا ٻاهر نڪري ويا.

رات جو ڊائننگ ٽيبل تي ستيش، سريش ۽ سيما گڏ ٿيا. سريش روم مان ئي گلو تر ڪري آيو هو. رسوئي لڳي چڪي هئي. ستيش سريش کي ڪلب ۾ وڃڻ کان منع ڪئي هئي. سريش بي مزي ڪائي رهيو هو. ستيش گرهه چٻاڙيندي سريش کان پڇيو، ”سنيل کي ڪيترو چاهيندو آهين؟“

سوال ٻُڌي سريش حيرت ۾ پئجي ويو. پُڇيائين، ”اڄ اچانڪ اِهو سوال ڇو؟“

”سوال جي بدلي سوال نه جواب گهرجي.“

سريش گنڀير ٿي چيو، ”ادا سنيل ئي ته هن گهر ۾ ننڍو، سڀني جو پيارو، ڏُلارو آهي، اکين جو تارو آهي.“ سيما هٿ روڪي ڏير ۽ مڙس جو وار تالاپ ٻُڌڻ لڳي.

ستيش ٻيو سوال ڪيو، ”سنيل جي خوشيءَ لاءِ ڇا ڪري سگهندو آهين؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اُن جي مٿان ڪجهہ بہ قربان ڪري سگهندو آهيان.“

”پنهنجي اَهم کي تياڳي سگهندو آهين؟“

”ڀائي صاحب، صاف صاف ٻڌايو تہ ڳالهہ ڇا آهي؟“

”سنيل شادي ڪرڻ ٿو چاهي، ڇوڪري پسند ڪئي اٿائين.“

سيما ۽ سريش ٻنهين ڇرڪ ڀريو. ستيش ڳالهہ کي اڳتي وڌائيندي چيو- ”ڇوڪري سندر آ، سشيل آ، سنيل سان گڏ اِنجنيئرنگ ڪاليج ۾ پڙهندي آهي.“

”پوءِ ڪهڙي پرابلم آ؟“

”پرابلم آهي، اُن جو خاندان اسان جي ليول جو نہ آهي.“

سريش ستيش ڏانهن نهاريندي چيو، ”سنيل جي لاءِ ڇوڪرين جي ڪمي آهي ڇا؟ صدين کان هلندڙ خاندان جي روايت کي توڙيون؟“

”توڙڻو پوندو، وقت بدلجي رهيو آهي. وقت سان گڏ ريتيون رسمون بہ بدلجي وينديون آهن. اگر اسان سنيل جي ڳالهہ نہ مڃي ۽ هن شاديءَ کان اِنڪار ڪري ڇڏيو تہ ڪيستائين هلندو خاندان ۽ روايتون؟“

سريش ڇرڪ ڀريو. پڇيائين، ”تہ ڇا توهان بہ....“

ستيش سريش جي ڳالهہ کي ڪٽيندي چيو، ”ڳالهہ منهنجي نہ سنيل جي هلي رهي آهي. سيني کي خبر آهي منهنجي پرتگيا جي.“

سريش کي ستيش جي پرتگيا ٻي وجهہ نہ لڳي. نرمائي ڏيکاريندي پڇيائين، ”ڇوڪري ڪير آهي؟ ڪنهن جي ڌيءَ آهي؟ سندس پيءُ ڇا ڪندو آهي؟“

”ڇوڪريءَ جو نالو سنڌيا آهي. پنهنجي اڪائونٽنٽ روشنلال جي ڌيءَ آهي.“

ٻُڌي سريش آپي کان ٻاهر ٿي ويو. غصي ۾ پرجي چيائين، ”هڪ نؤڪر جي ڌيءُ هن گهر ۾ ننهن بڻجي ايندي؟“

ستيش نرمائيءَ سان چيس، ”هاڻي هوُ نوڪر نہ رهندو. نئين پروجيڪٽ ۾ کيس پارٽنر بڻائينداسين.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”يائي صاحب، پير جي جُتي متي تي رکڻ سان تاج نہ بڻجي ويندي.“

ستيش تيش ۾ پرجي چيس، ”ڏاڍو گهمنڊ اچي ويو اٿئي، هڪ پلي ماڻهوءَ کي پير جي جُتي تو سمجهين؟“

”ساري، ادا.“

”ڏوڙ وجهہ سيني ڳالهين تي، اِهو سوچ تہ روايتون وڏيڪ ضروري آهن يا سنيل جي خوشي، ونش جو واڌارو؟“

”توهان جيڪي بهتر سمجهو ڪيو، آءٌ رُڪاوٽ نہ بڻبس.“

”آرتوار شام جو هلڻو آ روشنلال جي گهر، رشتو طيءِ ڪرڻ.“

”توهان وينداٖ آءٌ نہ.“

”پُٽ سيما، تون ڇا ٿي چئين؟“

”ڊئڊي، آءٌ ضرور هلنديس.“

بيدلي روٽي کائي ٿيئي اُٿي کڙا ٿيا. سريش ڪمرئ ۾ وڃي بوتل ڪڍي ڍڪڻ هٽائي، بوتل وات سان لڳائي، اندر ۾ آنڊ مانڊ هيس.

ٻئي ڏينهن سنيل سنڌيا کي گهران پڪ اَپ ڪري ڪاليج ويو. سنڌيا کي ڪاليج جي گيٽ وٽ لاهي، پاڻ ڪار پارڪ ڪرڻ ويو. سنڌيا ڪلاس طرف وڃي ويئي. راڪيش سنڌيا جو رستو روڪيو. هوُ فائينل ييئر جو وديارٿي هو. سنڌيا ۽ سنيل هڪ سال جونيئر هئا. هوُ هڪ سرڪاري آفيسر جو پُٽ هو، دل ڦئنڪ هو، خوبصورت ڇوڪرين کي فلرٽ ڪندو هو. سنڌيا جو رستو روڪي پڇيائينس، ”ڪلهہ ڇو نہ آئي هئينءَ؟“

سنڌيا بيرخيءَ سان چيس، ”تنهنجو مطلب؟“

”مطلب آهي ڊار....“ اينٽري ۾ سنيل جو نونشو ڪاڏيءَ سان ٽڪرايس. باقي لفظ چئي نہ سگهيو. راڪيش کي ڏينهن ۾ تارا نظر اچڻ لڳا. ڪاليج بلڊنگہ گُهمندي نظر آيس. سنيل جوش ۾ پرجي چيس، ”حرامخور جي حرامزادي اؤلاد، تنهنجي همت ڪيئن ٿي سنڌيا جو رستو روڪڻ جي؟ وري ڪڏهن سنڌيا جي پاڇي ڏانهن بہ نهاريئہ تہ ٻئي ڏوڏا ڪڍي هٿ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ڏيندوسانءِ.“

راڪيش ڏند ڪرٽيندي چيس، ”تنهنجو هيءُ نونشو قرض رهيو منهنجي مٿان. ڪنهن ڏينهن اهڙو زخم ڏيندوسانءِ، زندگيءَ ڀر سهلائيندو رهندين.“

سنيل ذليل ڪندي چيس، ”بڪاري _ اؤلاد، مار به اوڌر تو رکائين، نقد نٿو چُڪائين.“

اُتي بيٺل ڇوڪرا ڇوڪريون ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳا. راڪيش زهر جو ڍُڪ ڀري هليو ويو.

ڇوندا آهن جيڪو ڏاڍي سان نه پُڄي سگهندو آهي سو پنهنجو غصو ڪمزور مان ڪڍندو آهي. سڌير ڪمار به سال راڪيش کان جونيئر هو. راڪيش ڪاليج جي گيٽ وٽ بيٺو هو، چمچا به ساڻ هيس. سڌير ڪاليج اچي رهيو هو. راڪيش آڱر جي اِشاري سان چيس، ”چڪنا هيڏانهن اَچ.“ سڌير آهستي آهستي هلندو راڪيش وٽ پهتو. راڪيش وڌيڪ ڪجهه چوي، اُن کان اڳه سڌير جو نونشو راڪيش جي نڪ سان ٽڪرايو. راڪيش جي اکيان اَنڌيرو ڇانئجي ويو. نڪ مان خون وهڻ لڳس. راڪيش جا ساٿي سڌير مٿان ٽٽڻ وارا هئا، پريان کان سنيل للڪاريندي چين، ”خبردار جو ڪوئي اڳتي وڌيو آ، سڌير کي اڪيلو نه سمجهجو.“ سڀ اُتي ڄمي ويا. سڌير بنا سنيل ڏانهن نهارڻ جي چيو، ”مونکي ڪنهن جي به مدد جي ضرورت نه آهي. گدڙن جي ڀيڙ لاءِ آءٌ اڪيلو ئي ڪافي آهيان.“ قريب اچي سنيل راڪيش کي چيو- ”ته اجا موڇڙا ڪائڻ جي حسرت پوري نه ٿي اَٿي.“ راڪيش ڪجهه نه چيو، پنهنجن ساٿين سميت اُتان کسڪي ويو.

ستيش سڌير ڏانهن هٿ وڌائي چيو، ”آءٌ سنيل ڪمار، شارٽ ۾ ايس. ڪي.“ سڌير هٿ جوڙي نمستي ڪندي چيو، ”آءٌ سڌير ڪمار. سو يوُ آلسو ايس. ڪي؟“

”ڇو ايس. ڪي. تي ڪمارس جي مونوپولي آهي؟ يا نالي جو به



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽريڊ مارڪ رجسٽريشن ڪرايو اٿوَ؟''

''واھ ڇا ڇئجي، بلڪل ڪمارس وارا تيوَر.''

''آءٌ ڪسان جو پُٽ آھيان.''

''مونسان دوستي نہ ڪندين؟''

''دوستي برابريءَ وارن ۾ ئي سٺي لڳندي آھي.''

''اڙي ڀائي، آءٌ اِنجنيئر، تون اِنجنيئر برابري ئي تہ آھي!''

''اڃا اِنجنيئر بڻيا نہ آھيون. توھان اڳتي ھلي بلڊر بڻبا، ٿي سگھي ٿو مونکي توھان جي ئي فرم ۾ نوڪري ڪرڻي پوي.''

''دوست، ايترو رزرو نہ بڻج، اڄ جي وقت ۾ امير غريب ڪائي معنيٰ نٿو رکي. اِنسان جي دل ھيري جھڙي، ڪليجو شير جھڙو ھئڻ گھرجي، جيڪو تنھنجو آھي. ھلان ٿو، پيريڊ شروع ٿيڻ وارو آھي.''

لنچ کان فارغ ٿي سيما شام جي تياريءَ ۾ لڳي ويئي. سنڌيا کي ڏيڻ لاءِ مٺائي، وڳا وغيره پھريائين گُھرائي رکيا ھئائين. ھاڻي ھوءَ خود تيار ٿيڻ لڳي. اڌ ڪلاڪ سازھيءَ جي چونڊ ۾ لڳايائين. ڪمار گھراڻي جي ننھن ھئي، پوري ٺاٺ باٺ سان وڃڻ ٿي چاھيائين. زيورن جو باڪس ڪڍي اُن مان زيور چونڊي الڳ ڪيائين. سيما شيمپوءَ سان وار ڌوتا، ڊراير سان سڪائي، مٺرون ڪلر جي سلڪ ڪلر جي سازھي پائي، ڊريسنگ ٽيبل تي ويھي ميڪ اَپ ڪرڻ لڳي. سريش اڌ ٻوتيل اکين سان ليٽيو پيو ھو. ھوُ سيما کي ھار سينگار ڪندو ڏسڻ لڳو. اڄ سيما بيحد خوبصورت لڳي رھي ھئي. ھوءَ خوش بہ ڏاڍو ھئي. اڄ سندس پرموشن ٿيڻ وارو ھو. ھوءَ سَسُ جي حيثيت رکڻ واري ھئي.

سريش اُٿي ويھي رھيو. سيما کي چيائين، ''اڄ تہ ڇھڪي-مھڪي رھي آھين.''

سيما ماٺو ڪندي چيس، ''ڇو نہ ڇھڪان؟ اڄ منھنجي حيثيت جو وڌڻ واري آھي. رھيو سوال خوبصورتيءَ جو، توھان راضي آھيو، توھان کي ريجھائڻ لاءِ بزار مان ايڪسٽرا خوبصورتي خريد ڪري آئي آھيان.''



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”نہ ليڪن مونکي اِجازت ڏنائون.“
”هي ڇا پُٽ رواجي سلوار سوٽ، ٿورا ڳهہ؟“
”ڊئڊي پنهنجي اميريءَ جي نمائش ڪري سامهون وارن کي سندن حيثيت جو احساس ڪرائڻ سنو نٿو لڳي، آخر اُنهن سان سنيل جو رشتو جوڙڻ ٿا هلون.“
”تو نيڪ ڪيو پُٽ، هاڻي هلو تہ هلون.“ ستيش اڳتي وڌي ويو. سنيل شرارت سان مُسڪرائيندي چيس، ”پاپا، سچو ميڪ اَپ ٻڳاڙي ڇڏيئہ نہ؟ تڙتڪڙ ۾ جهڙي تهڙي تياري ڪري آيا آهيو.“
سيما سنيل جو ڪن پڪڙي چيس ”شيطان.“
”پاپي ممي، هاڻي ڪن پڪڙڻ جي عادت ڇڏي ڏيو، اِها عادت سنڌيا ۾ بہ پئجي ويئي تہ منهنجا ڪن هاڻيءَ جي ڪنن کان بہ وڏا ٿي ويندا.“
”هاڻي ئي ڊڄين ٿو سنڌيا کان؟“
”ڊڄان نٿو، ڇاهي گدري کي ڏسي گدرو رنگہ مٽيندو آهي نہ؟“
سيما وري سنيل جو ڪن مهٽيو. سنيل هوريان ستيش کي سڏ ڪيو. سيما سنيل جو ڪن ڇڏي تکڙا قدم کڻي ڪار ڏانهن وَڌي.
ڪمار پريوار روشنلال جي گهر پهتو تہ هوُ سڀ پلڪون وڇائي سندن انتظار ڪري رهيا هئا. روشنلال جهڪي ستيش ڪمار کي پيرِي پوڻ لڳو. ستيش بازن کان پڪڙي اُٿاريندي چيس، ”روشنلال جُهڪڻ تہ اسان کي گهرجي، اسين سنيل لاءِ سنڌيا بيٽيءَ جو هٿ گُهرڻ آيا آهيون. توهان ڏيڻ وارا داتا آهيو.“
روشنلال چيس، ”توهان مونکي شرمندو ڪري رهيا آهيو. آءٌ توهان جو خادم، توهان منهنجا شاهہ.“
آدر ستڪار کان پوءِ سيما سنڌيا لاءِ آندل سامان سنڌيا جي ماءُ کي ڏنو. هارسنڌيا جي ڳلي ۾ پاتائين. ستيش نوٽن سان ڀريل پرس سنڌيا کي ڏنو.
سنڌيا، ستيش ۽ سيما جا پير ڇُهيا. سنڌيا جي ماءُ ناريل، مصري،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مناٿي، ڊراءِ فروٽ وغيره سيما کي ڏنو. سنيل کي سوني چئن پاتائين.
موڪلائڻ وقت سنيش ڪمار روشنلال کي چيو- ”ٻارن جا اِمتحان ٿي وڃن تہ شاديءَ جو مهورت ڪڍائيندا سين.“
روشنلال چيس، ”جيڪا توهان جي آگيا ٿيندي اُن جي پوئواري ٿيندي.“
ڪمار پريوار جي گهر پهچڻ کان اڳ ئي سريش ڪلب وڃي چڪو هو. هُو نيم انڌيري واريءَ ٽيبل تي هڪ ڪرسيءَ تي اڪيلو ويٺو هو. ٽيبل تي جانيواڪر بلئڪ ليبل جي بوتل پئي هئي. نہ ڪوئي گلاس نہ سوڊا نہ پاڻي، نہ آئيس ڪيوُ ۽ نہ سنيڪس ئي. بوتل وات سان لڳائي نيٽ پي رهيو هو. من بيحد اُداس ۽ بيچئن هيس. هوُ سنيل جي رشتي تي ناخوش هو. سندس دوست آهوجا اچي پرسان ٻي ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. تيستائين سريش ڪمار بوتل ون ٿرڊ خالي ڪري چڪو هو. آهوجا کي آيل ڏسي سريش آڱر جي اِشاري سان ويٽر کي سڏيو. ويٽر جي اچڻ تي آرڊر آهوجا ڏنو، ”ٻہ گلاس، سوڊا، آئيس ڪيوُ، فش فراءِ ۽ چڪن روسٽ.“
ويٽر آرڊر نوٽ ڪري هليو ويو. آهوجا سريش کي ٽوڪيو- ”اڄ ڇهري تي ٻارهن ڇو ٿا وڄني؟ اڄ نيٽ پي رهيو آهين؟ ايني پرابلم؟“
”نو پرابلم. ڪينٽريءَ دير کان اڪيلو ويهي بور ٿي رهيو هوس. هاڻي تون آيو آهين تہ موُج ئي موُج آهي.“
ويٽر آرڊر سروَ ڪري ويو. پيگ آهوجا ٺاهيا، سريش جي گلاس ۾ ٿوري وسڪي ٻہ آئيس ڪيوُب ۽ اڌ بوتل سوڊا وڌائين، سريش اڳ ۾ ئي وڌيڪ ۽ نيٽ پي چڪو هو. پنهنجي لاءِ گلاس ۾ ٻہ ڊبل لارج پيگ، ٿوري سوڊا ۽ ٻہ آئيس ڪيوُب وڌائين. جام ٽڪرائي چيئرس چئي ٻنهي گلاس چپن سان لڳايا. ٻئي گپ شپ ۽ پيئڻ کائڻ ۾ مگن هئا. سريش جو موڊ بدلجي چڪو هو. بوتل ختم ٿي چڪي هئي. ٻنهين جي گلاسن ۾ ٿوري ٿوري وسڪي هئي. سنيڪس بہ صاف ٿي چڪا هئا. سريش ٻيو آرڊر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيڻ وارو هو تہ ايتري ۾ آهوجا جي نظر مسز واڌوا تي پئي. هوءَ سنگل هڏيءَ جي رئيس مهلا هئي. هڪ ڪرسيءَ تي ويهي سگريٽ جا ڪش لڳائي رهي هئي. آهوجا سريش کي اُتاري اُن طرف وڌي ويو. اُتي پهچي آهوجا مسز واڌوا کي ڇيڙيندي چيو- ”هيلو چِپڪلي.“

مسز واڌوا سگريٽ جو دونهون آهوجا جي چهري تي ڦُٽي ڪندي چيو، ”هيلو مڇر.“

”اڄ اڪيلي آئي آهين، مڇر نہ آيو اَتي؟“

”هتي مڇرن جي ڪمي آهي ڇا؟ اڄ توکي چڪيندس، چتيندس.“

”ڪاٺڻ چکڻ لاءِ ڪمار مفيد اَتي، مون تہ اڃا هاڻي شروع ڪئي آهي، ڪمار ڦل ثائيت اَتي. اڌ ڪان وڏيڪ بوتل نيت ڳرڪائي چڪو آهي.“

”چو ڪمار، اڄ سيما کي نہ چکي آيو آهين ڇا؟“

”اڄ ٽيست چينج ڪرڻ جو اِرادو آهي، اڄ توکي چکيندس.“

”ڪوئي سواد نہ ايندءُ. اڄ آءٌ خود پريشان آهيان.“

”چو آهين پريشان؟ واڌوا طلاق جو نوٽيس ڏنو اَٿئي ڇا؟“

”اَهڙي منهنجي قسمت ڪٿي آهي؟ پريشانيءَ جو سبب آهي ڪرڪيٽ جو سٽو، شام ڪان وڌي ٿي. ويءَ کي چنبڙيو وينو آهي.“

آهوجا چيو- ”اڄ تہ هوُ ويندو ۲۵-۳۰ هزارن تان.“

”۲۵-۳۰ هزارن تان وڃي تہ گيهہ جا ڏيئا ٻاريان، توکي وسڪيءَ سان سنان ڪرايان. گهٽ ۾ گهٽ ٻن ٽن لکن تان ويندو. جڏهن تہ خبر اَٿس مئچ فڪس آهي. سٽي ڪائڻ وارن کي فائدو پهچائڻ لاءِ ميڊيا وارا سري لنڪا جي جيت جو ماحول بڻائي رهيا آهن. جڏهن تہ کٽندي ويسٽ اِنڊيز. ويسٽ انڊيز جي جيت ۾ ئي سٽي ڪائڻ وارن جو فائدو آهي. مردود کي ڪيتري وقت ڪان چوندي ٿي اچان تہ هيرن جڙيل نيڪليس نهرائي ڏي. ٻُڌي ئي نٿو.“

”روئين چو ٿي، آءٌ تو وٽي ڏيانءِ هيرن جڙيل نيڪليس.“

”راڪيءَ تي ضرور وٽي ڏجانءِ، اُن ڏينهن سيما پاپيءَ کي بہ اعتراض

نہ ڏيندو.“

اِئين ٿنهين ۾ ڪل مذاق ٿيندي رهي. سريش مسز واڌوا کي چيو- ”اُٿي هلي اسان جي ٽيبل تي ويهہ.“

مسز واڌوا چيس، ”ڪاڏي ٿا جوڙيءَ ٽيبل تي وڃو، هِتي ئي ويهي رهو.“

آهوجا چيس، ”هِتي ويهنداسين تہ بل توکي ڏيڻو پوندو.“

”ڪهڙو فرق پوندو؟ جتي ستياناس، اُتي سوا ستياناس، سمجهندس واڌوا ڏهہ ويهہ هزار وڏيڪ ستي ۾ وڃايا.“

ٻئي مسز واڌوا جي پرسان ويهي رهيا. ويٽر اچي آرڊر وٺي ويو.

سريش جڏهن گهر پهتو تہ سُرور هيس. هئنگہ اوور جي ڪري متو ڳؤرو پڻ هئس. باقي من هلڪو هئسَ. هوُ بنا ڪجهہ کائڻ جي سُمهي پيو.

ٻئي ڏينهن تي روشنلال آفيس ويو تہ ستيش ڪمار پنهنجي ڪئبن ۾ گهرايس. روشنلال اندر اچي بيهي رهيو. ستيش ويهڻ لاءِ چيس. هٻڪندي گهبرائبندي ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. ستيش چيس، ”هاڻي توهان اسان جا اڪائونٽنٽ نہ رهيا.“

روشنلال روئٽهارڪو ٿي چيس، ”سائين مونکان ڪهڙي خطا ٿي ويئي جو نوڪريءَ مان ٿا ڪڍو؟ آءٌ ڪيڏانهن ويندس؟ گهر ڪيئن هلندو؟ سنڌيا جي پڙهائيءَ جو ڇا ٿيندو؟“

ستيش ڏيرج سان چيس، ”رلئڪس، رلئڪس. منهنجي پوري ڳالهہ ٻڌو، ٻيتوا نديءَ جي پُل واري ٺيڪي ۾ توهان اسان جا پارٽنر آهيو. هيئنر توهان کي جيڪي ملي ٿو. اُن کان ڊبل ڊرا ڪجو. ٺيڪو پورو ٿيڻ تي حساب ڪنداسين.“

”مهرباني آ توهان جي، ليڪن سر....“

”سر نہ ستيش.“

”اَهڙي بي‌ادبي مونکان نہ ٿيندي. مونکي سر ٿي چوڻ ڏيو. مونکي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪم جو ڪوئي آزمودو ناهي. اونچ نيچ ٿي ويئي ته آءٌ توهان کي منهن ڏيکارڻ جي قابل نه رهندس.''

''اَهڙو ڪجهه نه ٿيندو. ڪم مئنيجر جي ذمي رهندو. توهان جي فقط نظر ثاني ٿيندي. ڪار ۽ ڊرائيور توهان جي حوالي ٿيندو. سياڻي کان رائسين روڊ واري ۽ آفيس ۾ وڃي ڪم سنڀالجو.''

''جيڪو توهانجو حڪم.'' چئي هٿ جوڙي روشنلال ٻاهر نڪري ويو.
سنڌيا سنيل سان گڏ ڪاليج ويندي هئي. ڪاليج ڇُٽڻ کانپوءِ سنيل سنڌيا کي ڪار ڊرائيونگ سيکارڻ لڳو. دير تائين گهمڻ ڦرڻ، رات جو ڊنر رئجيت هوٽل ۾. اُن کانپوءِ کيس گهر ڇڏي پوءِ پنهنجي گهر ويندو هو. رات جي جدائي ٻنهين کي ڏکي لڳندي هئي. سنڌيا ڊرائيونگ سکي ويئي ته سنيل ڊرائيونگ لائيسن نهرائي، ماروتي ڪار گفٽ ڪيس. هاڻي سنڌيا پنهنجي ڪار ۾ ڪاليج ويندي هئي. اُتي سنيل سان ملندي هئي. سڄي شام گڏ گذاريندا هئا. دير شام جو ٻئي پنهنجي پنهنجي گهر ويندا هئا.

مارچ اپريل ۾ راڪيش جي پڙهائي پوري ٿي ويئي. سنيل ۽ سنڌيا فائينل ۾ پهچي ويا. سڌير کي فائينل ڪرڻ ۾ ٻن سالن جي دير هئي. ڪاليج جون موڪلون هلي رهيون هيون. راڪيش بدلي جي آڳ ۾ جلي رهيو هو. هوُ ڪمارس جي ايڪٽيوٽيز تي نظر رکي رهيو هو. راڪيش کي ڪمارس جي بيتوا پُل پروجيڪٽ جو پتو لڳو. اِهو به معلوم ٿيس ته سنڌيا جو پيءُ روشنلال اُن پروجيڪٽ ۾ ڪمارس جو پارٽنر هو. هن پنهنجو سڄو ڌيان بيتوا پروجيڪٽ تي لڳايو. روشنلال کيس ڪمزور ڪڙي نظر آيو. هن چوڪيدار ۽ اِستور ڪيپر رگهوءَ کي مهرو بڻائڻ بهتر سمجهيو.

هڪ ڏينهن شام جو ڪم بند ٿيڻ ۽ سيني جي هلي وڃڻ کانپوءِ راڪيش رگهوءَ وٽ ويو. رگهوءَ پُڇيس، ''ڪير آهين تون؟ هن وقت هتي ڇو آيو آهين؟''



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رگھوُ راڪيش جي ڄار ۾ ڦاسي ويو. راڪيش وڏيڪ وقت وڃائڻ لاءِ تيار نہ هو. رگھوءَ جي بيخياليءَ ۾ سيمينٽ ۾ رکہ ملائيندي موبائيل سان فوٽو ڪڍي ورتائين، هاڻي روشنلال تي داءُ آزمائڻ لاءِ پوريءَ طرح تيار هو.

شام جو وقت هو، ڪم بند ٿي چڪو هو. مئنيجر بہ وڃي چڪو هو. روشنلال گھر وڃڻ جي تياريءَ ۾ هو. ڊرائيور جي اچڻ جي اِنتظار ۾ هو. راڪيش بنا اِجازت جي آفيس ۾ داخل ٿي هڪ ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. روشنلال عجب مان راڪيش ڏي نهاري پڇيس، ”ڪير آهيو توهين، بنا اِجازت ڪيئن هليو آئين؟“

راڪيش چيس، ”پريشان نہ ٿيو، آءٌ توهان سان توهان جي مطلب جي ڳالھہ ڪرڻ آيو آهيان.“

”توهانکي اسان جي مطلب سان ڇا ڏيٺو-ونٺو آهي؟“

”ڏيٺو بہ آ، ونٺو بہ آ، اِنڪري تہ آيو آهيان. توهان منهنجي ڳالھہ ڌيرج ۽ شانتيءَ سان ٻڌو. منهنجو نالو راڪيش آ، آءٌ راجيش چاٻڙيا جو پُٽ آهيان، منهنجو پيءُ پي. ڊبليو. ڊي. محڪمي ۾ سيڪريٽري آهي. توهان وٽ سيمينٽ ۾ رکہ ملائي ٿي وڃي. پُل ۾ هلڪو مٽيريل اِستعمال ڪيو ٿو وڃي.“

”بڪواس ٿو ڪرين تون!“

”بڪواس نٿو ڪريان، سچ چئي رهيو آهيان. توهان جو نيڪورڊ ٿي سگھندو آ، لکين رپين جي پينلٽي لڳي سگھندي اَٿو. ڪمپني بليڪ لسٽيڊ ٿي سگھندي اَٿو.“

”ڇاڻين ٿو ڪنهن تي اِلزام لڳائي رهيو آهين؟“

”آءٌ اِلزام نٿو لڳايان، سچائي بيان ڪري رهيو آهيان. آءٌ ثبوت ساڻ ڪٽي آيو آهيان.“ راڪيش موبائيل سان ڪڍيل فوٽو ڊيولپ ڪرائي آيو هو. فوٽو روشنلال جي سامهون ٽيبل تي رکيائين. فوٽوز مان صاف ظاهر ٿي رهيو هو رگھوُ سيمينٽ ۾ رکہ ملائي رهيو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روشنلال گهري سوچ ۾ پئجي ويو. اگر رگهوءَ کي پوليس ۾ ڏنو ويو تہ هو ملوث قبول ڪندو. هوُ چڱي سگهي ٿو تہ ملوث مالڪن جي چوڻ تي ڪري رهيو آهي. داءُ اُلٽو پئجي سگهي ٿو. راڪيش جي منشا ڄاڻڻ لاءِ پڇيائينس، ”ڇا ٿو چاهين تون؟“

”پهريائين توهان اِهو سوچيو تہ اگر هي فوٽوگراف ڪنهن ٽي. وي. چئنل وارن کي هٿ لڳن تہ بار بار بريڪنگ نيوز ۾ ڏيکاري ڪمارس جي ساک ۽ عزت کي مٽيءَ ۾ ملائي سگهن ٿا.“

”اِئين نہ ٿيڻ گهرجي.“

”نہ ٿيندو.“

”ڇا کپئي؟“

”پهريائين آءٌ اِهو ڄاڻڻ ٿو چاهيان تہ توهان پنهنجن مالڪن جي عزت بچائڻ لاءِ نمڪ جو حق ادا ڪرڻ لاءِ ڇا ۽ ڪنهن حد تائين ڪجهہ ڪري سگهندا آهيو؟“

”آءٌ پنهنجي جان بہ ڏيئي سگهان ٿو.“

”جان ڏيندءُ تہ سنڌيا جو ڪنيا دان ڪير ڪندو؟ توهان بس سنڌيا جي شادي مون سان ڪرايو.“

”اِهو ناممڪن آهي، سنڌيا جو مڱڻو سنيل سان ٿيل آهي.“

”مڱڻو تہ اِئين بہ ٽٽي ويندو. جڏهن ڪمارس جي ساک ۽ عزت کي داغ لڳندو. ان لاءِ توهان کي ئي ذميوار ٺهرايو ويندو. توهان نہ گهر جا رهندا ۽ نہ گهاٽ جا.“

روشنلال جي اکين اڳيان اَنڌيرو ڇانئجڻ لڳو. دماغ سُن ٿيڻ لڳس. مٿو پڪڙي ويهي رهيو.

راڪيش اُٿندي چيو، ”مون وٽ وڃائڻ لاءِ وقت ناهي، ٽي. وي. چئنل جو رپورٽر منهنجو دوست آهي. وڃان ٿو اُن وٽ.“

”ويهہ، مونکي سوچڻ لاءِ وقت ڏي.“

”وقت جي ئي تہ بلهاري آ، توهان وٽ منهنجي ڳالهہ مڃڻ کانسواءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيو ڪو چاڙهو ناهي.“

”شاديءَ جي تياريءَ لاءِ تہ وقت گهرجي نہ؟“

”مونکي سنڌيا ڪانسواءِ ڪجهہ بہ نہ گهرجي. سادي سماروهہ ۾ شادي ٿيندي.“

”سنڌيا کي منائڻ لاءِ تہ وقت گهرجي نہ؟“

”آءٌ توهان کي ڇهن ڏينهن جي مُهلت ٿو ڏيان، پنجين ڏينهن شام جو آءٌ چند ماڻهن کي ساڻ آڻي سنڌيا سان شادي ڪري پاڻ سان گڏ وٺي ويندس.“ ايترو چئي راڪيش اُٿي هليو ويو.

روشنلال مئنيجر کي فون ڪري فورن آفيس ۾ اچڻ لاءِ چيس. ڊرائيور آيو تہ ڪيس ڪار سوڌو واپس ڪيائين. مئنيجر جي اچڻ تي ڪيس رگهوءَ جي ڪارستاني ٻڌائي فوٽوگرافس ڏيکاري راڪيش سان ٿيل ڳالهہ ٻولهہ ٻڌايائينس. مئنيجر ڏسي ٻڌي حيران ٿي ويو. روشنلال کان پڇيائين، ”منهنجي لاءِ ڇا حڪم آهي؟“

روشنلال چيس، ”فلحال رگهوءَ جي خلاف ڪوئي قدم نہ کڻڻو آهي. ملاوٽي سيمينٽ کي ناس ڪرڻو آهي. رگهوءَ جي جڳهہ تي ڪنهن ٻئي چوڪيدار کي مقرر ڪرڻو آهي. اُن جي معرفت رگهوءَ کي دارون پيئاري معلوم ڪرڻو آهي تہ ملاوٽ جو ڪم ڪڏهن کان ٿي رهيو آهي. منهنجو انداز آهي تہ گهڻو وقت نہ ٿيو هوندو، صحيح وقت معلوم ڪري اوتري وقت ۾ ٿيل ڪنسٽرڪشن تورائي نئين سر ڪرائڻو آهي. اسان وٽ ڇهن ڏينهن جو وقت آهي. اِهو سڀ ڪم توهان کي اڪيلي سر ڪرڻو آهي. فلحال سينين کي ڪجهہ بہ ٻڌائڻو ناهي. جيستائين سڀ ڪجهہ ٺيڪ نہ ٿي ويو آهي. ڪري وٺندا ڇهن ڏينهن ۾؟“

”بيفڪر رهو، آرام سان ٿي ويندو.“

”آءٌ ڪجهہ ڏينهن هتي نہ ايندس. آفيس بند ڪري توهان چابيون پاڻ وٽ رکو. مهرباني ڪري مونکي گهر تائين ڇڏيو.“

مئنيجر آفيس بند ڪري چابيون جيب ۾ رکيون. روشنلال کي بائيڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ويهاري، روانو ٿي ويو.

سنيل جي مڱڻي ڪي ٽي مهنا ٿي ويا هئا. رات جو ڊنر تي فقط سيما ۽ سنيل وينا هئا. سريش ڪلب ويو هو. سنيش شادي پارٽيءَ ۾ ويل هو. سيما پنهنجي ۽ سنيل لاءِ رسوئي پروسي. سنيل کائڻ شروع ڪيو. اچانڪ سندس ڏيان سيما ڏي ويو. گرهه هٿ ۾ هيس ڏيان خبر ناهي ڪٿي هيس. سنيل هٿ روڪي پڇيس، ”ڇا ڳالهه آ ڀاڀي ممي؟ ڌيان ڪٿي اَٿي، گرهه هٿ ۾ اَٿي، کائين نٿي؟“

”کاوان ٿي.“

”ڪهڙي ڳالهه آ ڀاڀي؟ ڇا پرابلم آ؟ ضرور ڪائي ڳالهه آهي جنهن ڪري توهان پريشان آهيو.“

سيما کي ٻڌائڻو ئي پيو. ”سندس پريشانيءَ جا ٻه سبب هئا، هڪ سريش جي شراب خوري، ٻيو سندس گرڀ ۾ پلجندڙ ٻار.“

سنيل چيس، ”ادا جو دير سان ڪلب مان اچڻ، وڌيڪ ماترا ۾ شراب پيئڻ، رات جو اڪثر روٽي نه کائڻ، اِها برابر پرابلم آهي. ليڪن ٻي ته ڪائي پرابلم آهي ئي نه، بلڪ خوشيءَ جي ڳالهه آهي. اِها خوشخبري ادا کي ٻڌائي ٿي؟“

”اڃا نه، ڊڄان ٿي خوشيءَ ۾ اڃا وڌيڪ پيئڻ شروع نه ڪري.“

”نه ڪندو. اِها خوشخبري ٻڌي سنڀلجي ويندو، نه ته ٻه سنڀالڻ لاءِ ڊئڊي آهن نه.“

”ليڪن ٻي پرابلم؟“

”ٻي ڇا جي پرابلم آ؟“

”ذرا سوچ، آءُ اڪيلي جان، گهر کي سنڀاليندس، خود کي سنڀاليندس يا ٻار کي سنڀاليندس؟“

”ڪائي پرابلم ناهي، گهر کي سنڌيا سنڀاليندي، توهان کي ۽ ٻارُ کي سنڌيا جي ممي.“

”ڪنواري آهي؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڪوئي هرج ناهي. ڏس پاپي سنڌيا اسان جي لاءِ پاڳيشالي ثابت ٿي آهي.“

”سو نہ آهي.“

هاڻي راڪيش چوڪسي روشنلال ۽ سنڌيا جي مٿان رکي. روشنلال ڪار ڊرائيور واپس ڪري چڪو هو. لڳاتار بہ ڏينهن گهر کان ٻاهر نہ نڪتو هو. سنڌيا بہ گهر کان ٻاهر نہ نڪتي هئي. راڪيش هڪ ٻيو بہ ڏينهن گذرڻ ڏنو. خاطري ٿي ويس تہ روشنلال پنهنجو واعدو نباهيندو. سنڌيا کي بہ منائي ورتو هونداڻين. هاڻي وقت اچي ويو هو بدلو وٺڻ جو، سنيل جي دل کي گهرو زخم ڏيڻ جو.

راڪيش سنيل جو نمبر ڊائل ڪري چيس، ”مسٽر ڪمار، دل کي مضبوطيءَ سان پڪڙي ويهہ، دل تي گهرو زخم لڳڻ وارو اٿي.“

سنيل چيس، ”لڳي ٿو اَچ پنهنجا هٿ پير پچائڻ جو پڪو اِرادو ڪري وينو آهين.“

”سياڻي شام جو منهنجي شادي تنهنجي محبوبا سنڌيا سان ٿيڻ واري آهي. آءٌ توکي خاص طور سان انوائيٽ ڪري رهيو آهيان.“

”سوئر جا پُٽ، پنهنجي پيءُ کي چئہ تہ تنهنجي اَرٿيءَ جي تياري ڪري رکي.“

”جلن ٿي رهي اٿي نہ؟ اِهو ئي تہ آءٌ چاهيان ٿو. ياد ڪر، ٽن ڏينهن کان سنڌيا توسان ملي آهي، فون تي ڳالهائڻ ٿيو اٿي؟ ٿيندو بہ نہ. هاڻي زندگيءَ ڀر سنڌيا جي ياد ۾ تڙڦندو رهجانءِ.“ راڪيش ڪنيڪشن ڪٽ ڪري ڇڏيو.

سنيل سوچڻ لڳو، سنڌيا ڇو نہ ملي آهي؟ فون ڇو نہ ڪئي اٿائين؟ سنيل اُن وقت ئي سنڌيا جو نمبر لڳايو. نمبر ڪٽ ٿي ويو. سنيل کي من ۾ انديشو جاڳيو، سوچيائين روبرو وڃي سنڌيا سان ملي ليڪن نہ ويو. سنڌيا جي بيرُخيءَ سنيل جي خودداريءَ ۽ دل کي چوٽ رسائي هئي. ليڪن هوُ سمجهي نہ سگهيو تہ آخر سنڌيا جي بيرُخيءَ جو ڪارڻ ڇاهي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاهيان.“

”تون جيڪي چاهين ٿو سو ڪر، مگر پاڻ کي نارمل رکُ.“

”ڊئڊي آءٌ ايترو ڪمزور نہ آهيان، آءٌ ڪمار نگر جي پروجيڪٽ جي ڪم ۾ مدد ڪرڻ ٿو چاهيان ۽ اُتي ئي رهڻ ٿو چاهيان.“

”بهتر آهي.“

”آءٌ سڀاڻي ئي هليو ويندس.“

ٻئي ڏينهن تي تياري ڪري، پنهنجا ڪپڙا ۽ ٻيون ضروري شيون سوُٽ ڪيس ۾ وجهي، سنيل پنهنجي ڪار ۾ سامان رکائي ڪمار نگر روانو ٿيو. سامان لوَنگہ روم ۾ رکائي آفيس اچي ڪم جي باري ۾ دريافت ڪيائين. پوءِ پيدل ئي ڪم جو جائزو وٺڻ نڪري پيو. ملٽيز جا ڪافي فلئٽ آباد ٿي چُڪا هئا. ڪيترا ڊپليڪس ۽ ڪجهہ بنگلا بہ آباد ٿي چُڪا هئا. مارڪيٽ ۾ پڻ ڪيترا دڪان کُلي ويا هئا. مال ۾ پڻ ڪيترين ئي ڪمپنيون اچي چُڪيون هيون. لائيٽ، پاڻي ۽ صفائيءَ جو جوڳو اِنتظام هو. گُهمي ڦري وچي تلاوَ جي هڪ ٻئنچ تي ويهي رهيو. پاڻيءَ ۾ سنڌيا جو عڪس اُڀرندو نظر آيس. هڪ پٿر کڻي پاڻيءَ ۾ اُڇلايائين. پاڻيءَ ۾ لهرون اُٿيون، عڪس لهرن ۾ سمائجي ويو. پاڻي سانت ٿيو تہ وري عڪس اُڀرڻ لڳو. هوُ وڏيڪ دير اُتي ويهي نہ سگهيو. اُٿي آفيس جو رُخ ڪيائين. آفيس جو اِسٽاف وڃي چڪو هو. فقط رسويو موجود هو. سنيل لاءِ چانهہ پاڻي کڻي آيو. سنيل پاڻي پِي چانهہ جو پيالو چپن سان لڳايو. رسويي رات جي رسوئيءَ لاءِ پُڇيس. چيائينس، ”رات آءٌ خود ئي ارينج ڪري وٺندس.“ رسويو اِجازت وٺي پنهنجي ڪوارٽر ۾ هليو ويو.

رات جو سنيل بريڊ بٽر ٽوسٽ کائي، ڪافي پيتي. بسترې جي حوالي ٿيو مگر نيٺن ۾ ننڊ نہ هيس. ڪَروٽون بدليندو رهيو. دير رات جو درد ۾ ٻُڏل سُريلو آواز ڪنن ۾ پيس. هوُ پاڻ کي روڪي نہ سگهيو. ٻاهر نڪري ويو. رات چانڊوڪي هئي. رات جي سناٽي ۾ گيت جو آواز پري ڪان ئي صاف ٻُڌڻ ۾ اچي رهيو هو. ڪوئي ڳائي رهيو هو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’’دل ڳيا درد رها سيني ۾، تُم نهين تو ڪُڇ ڀي نهين جيني ۾، دل ڳيا...

’’نئنو ۾ تُم آئي جب سي، ڪُڇ اؤر نهين تا تب سي،
تڙقاڪي همين برسات ڳئي، هر رات ڳئي تڙقاڪي،
هر رات ڳئي تڙقاڪي، دل ڳيا، درد رها سيني ۾،
تُم ڪيا روني، قسمت روني، سُک چئن ڳيا ميري نيند ڳئي،
مئن ڪسي ڪي ليئي جاڳي سڄنا، نئنو ڪي ديپ جلاڪي،
نئنو ڪي ديپ جلاڪي، دل ڳيا، دل ڳيا درد رها سيني ۾،
تُم نهين ڪُڇ ڀي نهين جيني ۾، دل ڳيا...‘‘

سنيل تڪيون وکون پرپندو آواز طرف وڌيو. جنهن وقت بنگلي جي پرسان پهتو، ٻاڻ واري عؤرت ڳانو پورو ڪري اندر وڃي چُڪي هئي. دروازو بند ڪري چُڪي هئي. سنيل ڀاري قدمن سان موٽ ڪاڏي.

صبوح جو تيار ٿي، بنگلي طرف ويو. گيٽ تي پهچي ڪال بيل تي آڱر رکيائين. دروازو هڪ اڌيڙ عمر جي عؤرت کوليو. چهري مان نوُر پيو بکيس. سنيل کي سوالي نظرن سان ڏسڻ لڳي. سنيل چيس، ’’ماتا اندر اچڻ لاءِ نہ چوندءُ.‘‘

عؤرت هٽي هڪ طرف ٿي بيٺي. سنيل کي اندر اچڻ ڏنائين. دروازو بند ڪري سنيل کي وٺي وڃي بئنڪ روم ۾ هڪ صوفا تي ويهاريائين. پاڻ بہ ويٺي پوءِ پُڇيائينس، ’’ڪير آهين، ڪيئن اچڻ ٿيو اَٿئي؟‘‘

سنيل چيس، ’’رات درد ۾ ٻُڏل توهان جو گيت ٻُڌم. پاڻ کي روڪي نہ سگهيس. آواز جي ڍشا ۾ هلندو هتي پهتس. تيستائين توهان اندر وڃي دروازو بند ڪري چڪا هئا. رات جو توهان کي ڊسٽرب ڪرڻ ٺيڪ نہ لڳو، هينئر آيو آهيان. ڄاڻڻ ٿو چاهيان توهان کي ڪهڙو ڏک آهي؟‘‘

سنيتا اُٿي مٿي تي پيار مان هٿ ڦيري چيس، ’’پهريائين ٻُڌاءِ دير رات تائين تون جاڳي ڇا پيو ڪرين. تنهنجي ننڊ ڇو قتل آهي؟‘‘

’’آءٌ توهان جو درد ڄاڻڻ آيو آهيان.‘‘



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جلد ئي ڊئڊيءَ جي پر تگيا پوري ٿيندي ۽ توهان جو ملڻ ٿيندو. ممي فلحال سُڌير کي ڪجهه به نه ٻڌائجو. آءٌ ڊئڊي ۽ سُڌير کي سرپرائيز ڏيڻ ٿو چاهيان. توهان جو ڊئڊيءَ سان ملڻ هڪ وڏي فنڪشن ۾ ٿيندو. پريوار ۽ پبلڪ جي سامهون. توهان جي شاديءَ کي ازخود مڃتا ملي ويندي. هاڻي آگيا ڏيو.''

''اِئين ڪيئن ويندين. پهريائين مميءَ جي هٿ جي چانهه پِي پوءِ نيرن ڪائي پوءِ وڃجانءِ.''

ستيش آفيس ۾ وينو هو. هن وقت فرصت ۾ هو. جڏهن اِنسان کي ڪرڻ لاءِ ڪوئي ڪم نه هوندو آهي تڏهن هڪ ئي ڪم هوندو اَٿس، ڪوئي نه ڪوئي فڪر پالڻ. ستيش به سنيل لاءِ فڪرمند هو. تڏهن اِنٽرڪام تي مئسيج مليس، اِنڊيا سيلس ڪارپوريشن جي ڪرمچاري ملڻ ٿي چاهي. ستيش ڪيس موڪلڻ چيو.

سنڌيا آفيس ۾ قدم رکيو. سندس نگاهون جُهڪيل هيون. هٿ ۾ هڪ بند لفافو هوس. لفافو ستيش جي اڳيان ٽيبل تي رکيائين. سنڌيا کي ڏسي ستيش چِرڪ پِريو. سنڌيا کي ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ چئي پُڇيائين، ''توکي نوڪريءَ جي ضرورت ڇو پئجي ويئي.''

''مجبوري آ.''

''اَهڙي ڪهڙي مجبوري آ؟''

''راڪيش پاپا کي بلئڪميل ڪرڻ پيو چاهي. پاپا مونکي سچي ڳالهه ٻڌائي ڇيو، اسان کي بگڙيل ڪم ٺيڪ ڪرڻ لاءِ چئن ڏينهن جو وقت مليو آ. چئن ڏينهن ۾ مئنيجر بابو سڀ ڪم ٺيڪ ڪري ونندو. راڪيش جو پرم ٻڌائي رکڻ لاءِ اسان نه ٻاهر ڪيڏانهن ويندا سين ۽ نه ئي ڪنهن سان فون تي ڪانٽئڪٽ ڪنداسين. اِنڪري آءٌ نه سنيل سان مليس ۽ نه ئي فون اٽينڊ ڪئيمانس. چوٿين ڏينهن شام جو اسين سڀ احمدآباد هليا وياسين. ٻئي ڏينهن راڪيش آيو هوندو ته ٻُڇڙو ٽيٽو پيو هوندس. پاپا جي طبيعت ٺيڪ نه آهي، اِنڪري مونکي نوڪري ڪرڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيئي آهي.“

”ڇتي ڇو نہ آيا؟“

”شرم ۽ سنڪوچ ڪان.“

”روشنلال ڪٿي آهي؟“

”ڪروندا اِسپتال ۾ پير تي آهن. ممي بہ اُتي آهي.“

ستيش اُٿي پيار سان سنڌيا جي مٿي تي هٿ گُهمائيندي چيائينس، ”بيٽي هاٽي آئي آهين تہ سڀ نيڪ ٿي ويندو.“ اِنٽرڪام تي سنڌيا لاءِ گرلڊ سئنڊوچ ۽ ڪافيءَ جو آرڊر ڏنائين. ڪمار سيلس جو نمبر ڊائل ڪريائين. ٻئي طرف کان آواز آيو، ”ڪمار صاحب، توهان پاڻ؟ ڇا حڪم آ؟“

”منهنجي ننهن کي نوڪريءَ تي رکڻ جي توهان جي دسٽ ڪيئن ٿي؟“

”سائين سائين گُستاخي معاف. ليڪن تعجب آهي. سنيل جي شادي ٿي ويئي. اسان کي خبر ئي نہ پيئي.“

”شادي نہ ٿي اَٿس، فلحال مڱڻو ٿيو اَٿس. ڪوبہ فنڪشن ٿئي ۽ توهان نہ اچو اِئين ٿي نٿو سگهي. فلحال سنڌيا از نو مور يوئر امپلائي. توهان جو چيڪ سياٽي پهچي ويندو.“

”صاحب جي، ڪائي جلدي ناهي، ٻي ڪائي سيوا هجي تہ حڪم ڪيو.“

”ڪائي ضرورت هوندي آهي تہ توهان کي ئي تڪليف ڏيندا آهيون.“

”اِها اَسان جي خوشنصيبي آهي.“

”رکان ٿو.“ چئي لائين ڪٽ ڪري ڇڏيائين.

وري سنيل جو نمبر لڳائي چيائينس، ”رات گهر اچ، ضروري ڪم آهي.“ اُن ڪانپوءِ سيڪريٽريءَ جو نمبر لڳائي، اُن ڏينهن جون سڀ اپائينٽمينٽس رد ڪرڻ لاءِ چيائينس. سنڌيا سان گڏ ٻاهر نڪري آيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيٺ لهي ڪار وٽ پهتو. لاڪ کولي ڊرائيونگ سيٽ تي ويٺو. سنڌيا کي پرسان ويهڻ لاءِ چيائين. ڪار ڊرائيو ڪري ڪروندا هاسپيٽل پهتو. سنڌيا سان گڏ جنرل وارڊ ۾ روشنلال وٽ پهتو. ستيش ڪمار کي آيل ڏسي روشنلال هڪو بڪو ٿي ويو. ڪجهه چوڻ چاهيائين. ستيش منع ڪيس. ڪار جي چابي سنڌيا کي ڏيئي چيائين، ”تون ماتا پتا کي وٺي وڃي ڪار ۾ ويهار. آءٌ ڊاڪٽر سان ملي اچان ٿو.“

ڊاڪٽر کان ڊسچارج ليٽر وٺي پاڻ به وڃي ڪار ۾ ويٺو. ڪار کنا نرسنگ هوم وٽ وڃي بيهاريائين. رستي مان ئي ڊاڪٽر کي فون ڪري ڊيلڪس روم تيار ڪرائي رکڻ لاءِ چيو هئائين. لفٽ ۾ سوار ٿي مٿي ويا ته ڊاڪٽر سندن ئي انتظار ڪري رهيو هو. روشنلال جو چيڪ اَپ ڪري، ڪروندا هاسپيٽل جي رپورٽ ڏسي ليٽر هيڊ تي نوٽ ڪيائين. روشنلال کي روم ۾ موڪليائين. ستيش ڊاڪٽر کنا کي چيو، ”دوائون، چانهه، ناشتو، رسوئي سڀ روم سروس ملڻ گهرجي. پيشنٽ يا اٽينڊنٽ کي ڪائي تڪليف ناهي ڏيڻي.“ اُتان رخصت ٿي گهر ويو. سنڌيا کي وٺي سيما وٽ ويو. سيما کي چيائين، ”پُٽ تنهنجي مدد لاءِ سنڌيا اچي ويئي آهي.“ سنڌيا کي سيما وٽ ڇڏي، پنهنجي روم ۾ آيو. هٿ منهن ڌوئي چينج ڪري ويٺو. سنڌيا ٽري ۾ پاڻيءَ جو گلاس، بسڪوٽ ۽ چانهه کڻي آيس. ستيش پاڻي پي گلاس ٽري ۾ رکي هڪ بسڪوٽ کڻي کائڻ لڳو. پوءِ چانهه جو ڪوپ کڻي سنڌيا کي چيائين، ”وڃ پُٽ تون به وڃي چانهه پيءُ.“

ستيش ڪمار چانهه پي ڪوپ رکي سريش کي فون ڪري چيائين، ”اڄ ڊرنڪ جو موڊ آهي، تنهنجي ڪمپني گهرجي.“

سريش چيس، ”ڀائي صاحب توهان سان گڏ ڊرنڪ ڪرڻ منهنجي خوشنصيبي ٿيندي. ڪلب ۾ آءٌ توهان کي پنهنجن دوستن سان به ملائيندس.“

ستيش چيس، ”مونکي مڇر ۽ ڪِرڙيءَ جي ڪمپني نه گهرجي، گهر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ويھنداسين.“

ستيش جي واتان مچھر ۽ ڪرڙي لفظ ٻڌي سريش ڇرڪ ڀريو. ادا جي نظر ڪان ڪجهہ بہ لڪل نہ آهي. سنيل بہ اچي ويو. ٽيئي پائر بئنڪ ۾ وينا. ڊرنڪ جو سامان سينٽرل ٽيبل تي رکيل هو. سريش پيگہ ٺاهيا. سنيل کان پڇيائين، ”ڇا پيئندين، ڪوڪ.“

”ٻاراٽي ڊرنڪ پيئڻ ڪڏهن بند ڪندين؟“

سنيل ڪوئي جواب نہ ڏنو. سريش فون ڪري سيما کي سنيڪس موڪلڻ لاءِ چيو. سنيڪس سنڌيا کڻي آئي. سنڌيا کي ڏسي سُنيل ڇرڪ ڀريو. سريش کي چيائين، ”ادا منهنجي لاءِ بہ پيگہ ٺاهيو.“ سنڌيا مُسڪرائي هلي ويئي. ٽنهين پائرن جام ٽڪرائي چيئرس ڪري گلاس چپن سان لڳايا. مُدت کانپوءِ ڪمارس جي گهر ۾ خوشنما ماحول بڻيو هو.

هڪ هفتو نرسنگہ هوم ۾ رهي تندرست ٿي روشنلال پنهنجي گهر ويو. سنڌيا صبوح کان دير رات تائين ڪمارس جي گهر رهندي هئي. رات جو پنهنجي گهر موٽندي هئي، وني اچڻ ۽ ڇڏي اچڻ جي ڊيوٽي سنيل جي هوندي هئي.

وقت اچڻ تي سيما ٻن جاڙن ٻچن کي جنم ڏنو. سيما ۽ ٻار جي سنڀال لاءِ سنڌيا جي ماءُ رُڪمڻي اچي ويئي. گهر سنڌيا سنڀالي ورتو. چار ڏينهن نرسنگہ هوم ۾ رهي سيما گهر اچي ويئي. ٻارن جي سنڀال لاءِ ٽرينڊ آيا رکي ويئي. سيما جي سار سنڀال لاءِ ڪجهہ ڏينهن رُڪمڻي گڏ رهيس. پوءِ پنهنجي گهر ويئي. سنڌيا ڪمارس وٽ ٿي رهي. ڇني سادي نموني ڪئي ويئي. فلحال ڪوئي فنڪشن نہ رکيو ويو. ٻارن جو نالو سنجيہ ڪمار ۽ سنجيوَ ڪمار رکيو ويو.

سريش، آهوجا ۽ مسز واڌوا ڪلب ۾ گڏ وينا هئا. ڊرنڪ سان گڏ چرچو گهبو بہ هلي رهيو هو. آهوجا چيس، ”يار ڪمار، جنهن اِسپيڊ سان ڪمار پريوار جو واڌارو ٿي رهيو آهي. فلحال تہ ڊبل ٿيو آهي. اڳتي چونڪا، ڇڪا بہ لڳي سگهن ٿا. ايس سيريز جو اڪال پئجي ويو تہ؟“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سريش پيگ ناهيو. مسز واڌوا هڪ ٻئي ڳيٽ ۾ پئي ويئي. گلاس ٽيبل تي رکي چيائين، ”توهان مان ڪير مونکي گهر ڇڏي، پلڪون ڳوڙهيون ٿينديون ٿيون وڃن.“

”گهر وڃڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ هتي ئي ٽا روم وٺون.“

”آءٌ پاپيءَ جي هاءِ ڪٽڻ نٿي چاهيان، انڪري گهر ئي ويندي س.“

”آءٌ تو توکي گهر ڇڏيان، آهوجا جي اچا ڪوٺا پوري نه ٿي آهي.“

سريش مسز واڌوا کي ساڻ وٺي روانو ٿي ويو. آهوجا اُتي ئي ڄميو رهيو.

ڪمار نگر روشنيءَ سان جڳمڳ ٿي رهيو هو. پوري ڪمار نگر ۾ ڏياريءَ جهڙي روشني ڪئي ويئي هئي. ڪمار وِلا ڏُلهن جيان سينگاريو ويو هو. بنگلي جي وشال لان ۾ پارٽي رکي ويئي هئي. هڪ طرف چار ٽيبلون رکيل هيون. هڪ ٽيبل تي ٻه ڪرسيون هيون. هڪ تي ستيش وينو هو، ٻي خالي هئي. ٻيءَ ٽيبل تي هڪ ڪرسي، جا خالي هئي. ٽين ٽيبل وٽ ٻه ڪرسيون. هڪ تي سريش ٻيءَ تي سيما ويٺي هئي. ٻنهين جي گود ۾ سنجيءَ سنجيو هئا. چوٿين ٽيبل وٽ ٻه ڪرسيون، هڪ تي سنڌيا ويٺي هئي. هڪ خالي هئي. هرهڪ ٽيبل تي هڪ ڪيڪ رکيل هو. پهرينءَ ۽ چوٿينءَ ٽيبل تي ٻه ٻه هار رکيا هئا.

اِهو ارينجمينٽ سنيل جو ڪيل هو. سڀ بيصبريءَ سان سنيل جو انتظار ڪري رهيا هئا. هڪ طرف نهيل اِسٽيج تي آرڪيسٽرا مادڪ ڌُن ڇيڙي رهيا هئا.

ڪجهه دير بعد هلڪيءَ پنڪ ساڙهيءَ ۾ زيورن جي زيب سان سينگاريل سنيتا ايندي نظر آئي. هڪ جهڙي نيوي بلو سوٽ ۾ سنيتا جي هڪ طرف سنيل ٻئي طرف سڌير هئا. سنيتا کي ڏسي ستيش چرڪ پريو. ٻئي نوجوان کي عجب مان ڏسڻ لڳو. سنيل سنيتا کي ستيش جي پرسان واريءَ ڪرسيءَ تي ۽ سڌير کي ٻيءَ ٽيبل واريءَ ڪرسيءَ تي ويهاريو. خود اِسٽيج تي وڃي مائيڪ سنڀاليائين. سريش -سيما، سنڌيا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڌڻ لاءِ تيار نہ هئين، هاڻي ٻاءُ ٻڌجي وئين.“

”ساري ٻئيا.“

”سڌير ساري تہ مونکي چوڻ گهرجي. تنهنجي حصي جو پيار ڊئڊي منهنجي مٿان لُٽائيندا رهيا.“

”هاڻي پوري پريوار جو پيار ملندو، پر پائي تي ويندي.“

ستيش سنينا هڪ ٻئي کي هار پاتو. ڪيڪ ڪٽيائون، پهرياڻين ٻنهين سڌير کي ڪيڪ کارايو. سڌير ممي ڊئڊيءَ کي ڪيڪ کارايو. پوءِ ڪمارس هڪ ٻئي کي ڪيڪ کارائڻ لڳا.

آرڪيسٽرا ميلوڊيس ڊئيٽ ڇيڙيو، ”سؤ سال پهلي مجهي تُم سي پيار تا، مجهي تُم سي پيار تا، آج ڀي هئہ اؤر ڪل ڀي رهيگا، صديون سي تُمسي ملني ڪي لِيئي جيئا بيقرار تا، جيئا بيقرار تا، آج ڀي هئہ اؤر ڪل ڀي رهيگا....“

دل بہ عجيب شيءِ آهي، دل پوءِ چاهي اَمير جي هجي يا غريب جي. جڏهن کان سڌير آيو هو، گايڪا سنجنا يڪ ٽڪ کيس نهاري رهي هئي. سنجنا جو مڌُر آواز گارڊ گفتيڊ هو، اَهڙي ئي سندس خوبصورتي گارڊ گفتيڊ هئي. سنيل وري انائونس ڪيو- دوستو اڄ ڊيئر سڌير ڪمار جي جنم جي ٢١ سالگرهہ آهي. واڌايون. سيني واڌايون ڏنيون. آشيرواد ڏنو، ڪيڪ ڪاٽڻ جي رسم پوري ٿي. آرڪيسٽرا حرڪت ۾ آيو. سنجنا دل جي چاهت مڌر تراني ۾ بيان ڪئي.

”تُجهي اؤر ڪيا دون مئن دل ڪي سوا.“

”تُمڪو هماري عمر لگہ جاءِ. تُم ڪو هماري عمر لگہ جاءِ.“ سنيل سڌير جي ڪن ۾ چيو، ”اڄ ئي بالغ ٿيو آهين. اڄ ئي دل جو تو ملئي، قبول ڪر، موقعو بہ آ، ماحول بہ، بہ رنگہ آءٌ ارينج ڪري ٿو ونان. سڌير نظر کڻي سنجنا ڏي نهاريو. سنجنا نهال ٿي ويئي. سڌير نظر هٽائي ڇڏي. ستيش سنيل کي سڏي پڇيس، ”ڇا پيو سڌير کي چئين؟“

”ڊئڊي چيومانس، ”اڄ دل جو تحفو تو ملئي، قبول ڪر، موقعو بہ آ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنيل ۽ سنڌيا هڪ ٻئي کي مُنڊي پاتي. هڪ ٻئي کي مالها پاتي. ڪيڪ ڪٽيائون. وڏن کي پيري پيئي آشيرواد ورتائون.

سريش ڪمار شئمپين کولي هوا ۾ اُڏائي، رات کي پڄائڻ لڳو، ڳائڪن مڌر مادڪ ترانو ڇيڙيو.

”يي رات ڀيگي ڀيگي يي مست فضائين،
اُٺا ڌيري ڌيري وو چاند پيارا پيارا،
ڪيون آگ سي لڳا ڪي گُم سُم هئہ چاندني،
سوني يي نہ ديگا، مؤسم ڪا يي اِشارا.“

رات پڄندي رهي، ڳلا تر ٿيندا رهيا. آسمان ۾ چندرما بادلن سان اکبوٽ کيڏندو رهيو. دلين جي ڌڙڪن تيز-مڌيم ٿيندي رهي. فضا ۾ ترانا گونجندا رهيا. سنجنا پنهنجو پيار گيتن ۾ اوتيندي رهي. سڌير پيار جي اِشارن کان باخبر هوندي بہ بيخبر رهيو.

دوستو، ڪمارس جو قصو اِتي ڪوتاهہ نہ ٿيو. قصو تہ ڪمارس جي يندڙ ڪيترين پيڙهين تائين جاري رهندو.

فلحال آءٌ اِتي ورام ٿو لڳايان.

- امر گوپالاڻي





www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



دوستو،

’ڪمارس‘ ناول جي روپ ۾ منهنجي پهرين ڪوشش آهي. هي ناول ٻه مون دل سان لکيو آهي. دماغ جو دخل نه آهي. آءٌ خود هڪ عام آدمي آهيان. عوام جي ٻوليءَ ۾ لکندو آهيان. آلوچڪن کي منهنجي لکڻيءَ ۾ گهڻيئي خاميون نظر اچي سگهن ٿيون. سندن آلوچنا قبول. ليڪن منهنجي لاءِ پاٺڪن جي سندن ءِ اُنهن وٽان ملندڙ داد منهنجي لاءِ ٽانڪ جو ڪم ڪندو آهي ءِ لکڻ لاءِ همٿائيندو آهي. ’ڪُمارس‘ توهان جي نظر آهي. شڪريه.

امر گوپالاڻي

اي-98، ساڪيت، اِندور-452018.

سيل نمبر : 08989831884

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نَسُل . پ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاٺو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگھجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاغَر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسُل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ ڪان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمتائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي ڄڱ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٺين، جيڪي بہ ڪٺين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۾ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناڏانيءَ جي نشاني آهي.

پَڻَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڃي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڻَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوءِ چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان ڳڻ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڙ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)